# اَنمول گيان رتن



پرجاپتا برهماڪُماري ايشوريہ وشوَ وديالیہ
پانڊوَ ڀوَن، مائونٽ آبوُ، راجسٿان (ڀارت)

# اَنمول گيان رتن

پرجاپتا برهماڪماري ايشوريہ وشوَ وديالیہ
پانڊوَ ڀوَن، مائونٽ آبوُ، راجسٿان (ڀارت)

# ''آتما جو سينگار''

پرماتما گيان جو ساگر آهي اُن دواران ڏنل سهج گيان سان ئي منش آتما پنهنجي اِندرين کي پورڻ ريت ضابطي ۾ رکي سگهي ٿي ۽ پنهنجي جيون کي پويترتا سان صحيح مارگ تي هلڻ جي سمجهه ۽ شڪتي پراپت ڪري مڪتي ۽ جيون مڪتي پائي ٿي . منش دويہ گڻن جي ڌارڻا ڪرڻ سان ديوتائن جهڙو پد پراپت ڪري ٿو. گيان جي مارگ ڏانهن هلڻ جو پهريون ساڌن آهي من ۽ تن جي شُڌي. واستوَ ۾ گيان ۽ گڻن جو پاڻ ۾ گهرو سنبنڌ آهي. گيان پاڻ ۾ آهي تہ گڻ سندر ڦل آهن اَنترمڪتا جو گڻ ڌارڻ ڪرڻ سان آتما جو سينگار ٿئي ٿو. اَنترمڪتا ئي سڀني گڻن جي کاڻ آهي. چوڻي آهي تہ ''اَنترمکي سدا سکي''. هن گڻ کي ڌارڻ ڪرڻ سان ٻين سڀني گڻن جو پرويش اَسانجي اَندر پنهنجو پاڻيهي سهج ٿيندو ويندو. اَنترمک ٿيڻ جو اَرٿ اِهو ئي آهي تہ هر ڪاريہ اَنتر آتما ۾ اِستٿت رهي ڪريون. پنهنجي اِندرين يعني اَکين، ڪنن ۽ زبان وسيلي اُهو ئي ڪاريہ ڪريون جنهن ۾ اَسان جي آتمڪ اُنتي ٿئي.

# پرماتما سان ملڻ جو آنند

پرماتما سان ملڻ جو جيڪو مارگ آهي اُنکي تہ ''يوگ مارگ'' ئي چوڻ ٺيڪ ٿيندو ڇاڪاڻ تہ يوگ جي منعيٰ ئي آهي مِلڻ، حاصل ڪرڻ يا رشتو جوڙڻ. يوگ کان سواءِ ٻيا جيڪي بہ مارگ آهن يا تہ وِيوگ مارگ آهن يا ڀوڳ مارگ. اُهي ملڻ جا مارگ نہ آهن پر پرماتما کان ٿوري وقت لاءِ صحت، ڌن، عيش،

عمر يا شانتي گهرڻ جا مارگ آهن. اِنهيءَ رستن مان مڪتي يا جيون مڪتيءَ جي پراپتي نہ ٿيندي. منش کي پرم آنند جي پراپتي تہ صرف يوگ جي دواران ئي ٿي سگهي ٿي.

## ايشوريہ گيان جي ضرورت

ڇا ڪنهن منش سان ملڻ لاءِ اُنجو نالو، شڪل، پتو، ڏنڏو وغيره جي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي يا نہ؟ ٻي ڳالهہ اِها آهي تہ ملڻ جي چاهنا رکڻ وارو ماڻهو گروءَ سان ڇا جي لاءِ ملڻ چاهي ٿو. ڇا گرو چيلي جي پاونا سان، دوست دوست جي پاونا سان يا ڪهڙي سنبنڌ سان ملڻ چاهي ٿو؟ ڇا اِهو ڄاڻڻ ضروري آهي يا نہ؟ سڃاڻپ هئڻ جي بنا تہ ميلاپ ٿي ئي نٿو سگهي، ملڻ جي مقصد پڪو ٿيڻ بنا تہ ملڻ جو ڪوئي مطلب ڪونهي ۽ سنبنڌ جي ڄاڻ هئڻ جي بنا پلا ملڻ ڪهڙو؟ اِهائي ڳالهہ پرم پُرش پرماتما سان ملڻ يا اُنکي پراپت ڪرڻ جي لاءِ ينعي يوگ جي لاءِ بہ ستيہ آهي.

## گذريل وقت ۾ ٿيل پاپ ڪرم ختم ڪرڻ جي لاءِ راج يوگ اَڀياس ضروري

اِنسان جهڙا ڪرم ڪندا آهن اهڙائي اُنهن جا سنسڪار ٺهندا آهن . اِن ڪري جيڪڏهن ڪو منش پاپ ڪرم ڪري ٿو تہ اُنجا سنسڪار بہ وڪاري ۽ تموگڻي بڻجن ٿا ۽ اُنجي من ۾ سدا لاءِ سچي شانتي بہ نٿي رهي. اِنڪري جيڪڏهن راج يوگ جي اَڀياس ڪرڻ سان اَسانجا سنسڪار بدلجي رهيا آهن ۽ اَسانجي جيون ۾ خوشي ۽ اَتي اِندريہ (آنترڪ) سُک اَچي رهيو آهي تہ اَسانکي سمجهڻ گهرجي تہ يوگ اَگنيءَ سان اَسانجا پاپ ڪرم وناش ٿي رهيا آهن.

جيڪڏهن اَسانجا سنسڪار نٿا بدلجن يعني جيڪڏهن ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه، اَهنڪار، حسد، وير ۽ ٻيا وغيره جا بنڌن ڍلا، گهٽ يا ختم نه ٿي رهيا هجن ته اَسانکي راج يوگ جي طرف گهٽي ۾ گهٽو ڌيان ڏيڻ گهرجي.

جيئن مس جا ڇٽا سڪائڻ جي لاءِ بلاٽنگ پني جي ضرورت پوي ٿي، تيئن ئي وڪارن جي ڌاڳ کي چوسڻ جي لاءِ به هڪ بلاٽنگ پنو آهي. اُهو آهي شوبابا جي ياد. اَسان شِوبابا کي جيترو ياد ڪيون ٿا اوترو ئي وڪار روپي مس سڪندي وڃي ٿي.

# راجيوگ دواران من تي ضابطو

جيئن بي لغام گهوڙو آخر پنهنجي سوار جي لاءِ سنڪٽ پيدا ڪندو آهي. تيئن ئي بي لغام من به منش کي ٽڪڙو ئي ڏکئي رستي ذريعي موت جي کاهيءَ ۾ وٺي وڃي ٿو. راج يوگ جو مقصد آهي پنهنجي شڀ ويچارن کي ڪاريه ۾ لڳائڻ. حقيقت ۾ جيئن چوٽي به آهي ''يوگ ڪرم سو ڪوشلم'' يوگ جي اِها شڪتي اَسانجي شڌ ويچارن ۾ لِڪي پيئي آهي ۽ جيئن جيئن اَسان پنهنجي ويچارن کي مقصد جي طرف ڪنو ڪندا وڃون ٿا تيئن مقصد ويجهو ايندو وڃي ٿو. اِهو منو وگيانڪ ستيه آهي. اَڄ اَسانجي ٻڌي گهٽين شين ۽ منشن ۾ ڦاٿل هئڻ جي ڪري من تي ڪنٽرول نٿي ڪري سگهي ۽ اُنجي ڪري من گهڙي گهڙي مقصد کان هٽي وڃي ٿو. من کي مقصد جي طرف هٽڻ کان روڪڻ ۽ ايشوريه ياد ۾ لڳائي رکڻ، اِن منعيٰ ۾ ئي يوگ جو رهسيه آهي.

# ميلاپ من ۾ ٻُڌيءَ دواران

سڀ ڄاڻن ٿا تہ جيڪي بہ آزمودا ٿين ٿا اُهي سڀ من دواران ٿين ٿا. بہ ماڻهون جڏهن پاڻ ۾ ملن ٿا تہ بہ اُنهن جو ملن من دواران ئي ٿئي ٿو. جيڪڏهن ٻہ ماڻهون ويجهو ويجهو ويٺا هجن پر هڪ جو من ڪنهن ٻي طرف هجي تہ اُهي ويجهو هوندي بہميلاپ ماڻي نٿا سگهن اِن ڪانسواءِ ٻنهي جي ويجهو هئڻ ڪري بہ جيڪڏهن اُنهن جي من ۾ پاڻ ۾ سنيهہ نہ هجي يا هڪ ٻي جي لاءِ اُهي من ئي من ۾ ڌپ ڪندا هجن يا ويجهو ويٺي ماڻهن جي ٻڌيءِ ۾ جيڪڏهن هڪ ٻي جي سڃاڻپ نہهجي تہ بہ اُهي ميلاپ نٿا ماڻي سگهن.

اِنڪري، ظاهر آهي تہ ميلاپ من دواران ئي ٿيندو آهي ملڻ جي لاءِ جيڪڏهن من ۾ هڪ ٻي جي سڃاڻپ هڪ ٻي واسطي سنيهہ ۽ جڏهن ملڻ جي چاهنا هجي تڏهن ئي ميلاپ ماڻي سگهجي ٿو. اِن ڪري آتما بہ پرماتما سان من دواران ئي ملي سگهي ٿي. پرماتما تہ اَتي سوکيم آهي، ٻنهي جو ميلاپ بہ شرير دواران نہ پر سوکيم من دواران ئي ٿي سگهي ٿو.

# جڳت ماتا

سوال اُٿي ٿو تہ نراڪار پرماتما شِو تہ اَوناشي هئڻ جي ڪري اَسان سڀني آتمائن جو پِتا آهي، پر جڳدمبا جيڪا شريرڌاري آهي . اُها سچي جڳت جي ماتا ڪيئن آهي؟ اِنجو صحيح جواب ڄاڻڻ جي لاءِ جڳدمبا ماتا جي اَلوڪڪ ڪرتويہ کي بہ سمجهڻ ضروري آهي. اِن اَلوڪڪ ماتا جو پورو ڪرتويہ واچڪ نالو ”شِو

ونشي برهماڪماري آدي ديوي، جڳدمبا سرسوتي“ آهي. ماتا سرسوتي کي ”گيان جي ديوي“ تہ سڀ مڃيندا آهن. اُنجي هٿن ۾ ويڻا روپي اَلنڪار اُنجي گيان واڻي جي ٻڌائڻ جي نشاني آهي. پر ويچار ڪرڻ جي ڳالهہ اِها آهي تہ جڏهن گيان جو ساگر هڪ پرم پتا پرماتما شِو ئي آهي تہ پوءِ ماتا سرسوتيءَ وٽ گيان ڪٿان ۽ ڪيئن آيو؟ پڪ ئي ماتا بہ تہ گيان ساگر پرماتما شِو وٽان ئي گيان ورتو هوندو جنهن مان ئي اِها گيان گيانيشوري يا گيان جي ديوي سڏائي ويئي. سرشٽيءَ جي بيحد جي گهڙيال ۾ جڏهن پيانڪ ڪلهيگي سرشٽيءَ جو آخرين وقت اَچي ٿو تڏهن گيتا جو ڀڳوان نراڪار پرم پتا پرماتما شِو منش کي پتت مان پاون بڻائي ڪري نئين ستيگي سرشٽيءَ جي وري اِستاپنا ڪرائڻ جي لاءِ پرجاپتا برهما جي شرير روپي رٿ (ڀاڳيرٿ) ۾ دويہ پرويش ڪن ٿا. اِهو سڀيئي مڃيندا آهن تہ پرماتما، برهما دوارا نئين سرشٽيءَ جي اِستاپنا ڪئي هئي. برهمامُک جي دوارا ئي ستيہ‌ايشوريہ گيان روپي گيتا کي ٻڌي اُن کي ڌارڻ ڪرڻ وارا برهمامک ونشاولي سچا براهمڻ (برهماڪمار ۽ برهماڪمارين) جي وڪارن سان ڀُڏ ٿئي ٿي. اِن اَهنسڪ شڪتي سئنا جي سيناني ماتا سرسوتي ئي بڻجي ٿي. اُهي اَننيہ برهماڪمار ۽ برهماڪماريون گيان ساگر، اَمرناٿ پرماتما شِو جي گيان کي پنهنجي بڌيءَ روپي ڪلش ۾ ڌارڻ ڪري چيتنيہ گيان گنگائون بڻجي منش آتمائن کي اُن گيان اَمرت دوارا پتت مان پاون بڻائڻ جي اَلوڪڪ شيوا ڪن ٿيون. اِنهيءَ اَلوڪڪ ڪرتويہ جي ياد ۾ ڀارت جي ندين جا ڪرتويہ واچڪ نالا گنگا، جمنا، گوداوري، ڪرشنا، برهم پترا وغيره اُنهن

ديوين جي ياد ۾ ئي رکيا ويا آهن. سرسوتيءِ کي گُپت ندي ٻڌايو ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ ماءُ ٻين سيني کان پهريون پنهنجو اَلوکڪ پارٽ نڀائي سمپورڻ يعني اَويڪت ٿي ويندي آهي. اِن ڪري پرجاپتا برهما ۽ شِو ونشي برهما ڪماري سرسوتي ايشوريہ گيان يوگ جي ٻل سان نئين ستيگي سرشٽي (نئين جڳت) جي وري اِستاپنا ڪن ٿا. اِن ڪري اُنهن کي جڳت جا اَلوڪڪ پِتا ۽ ماتا (جڳت جنني يا جڳت اَمبا) چيو ويندو آهي.

# اَڄ سچو گرهست آشرم آهي؟

گهوٽ ۽ ڪنوار جي گرهستيءِ ۾ ڪام جي پرويشتا ٿي وڃڻ جي ڪري اُهي شري لڪشمي ۽ شري نارائڻ جيئان پويتر نٿا رهن. اُنهن جي گرهست ۾ ۽ شري لڪشمي شري نارائڻ جي گرهست ۾ اِهو ئي تہ اَنتر آهي. جيڪڏهن اِهو اَنتر نہ هجي تہ اَڄ جا گرهستي شري لڪشمي شري نارائڻ جي جوڙي کي ڇو ٿا پوڄن؟ ٻڌاپي ۾ اَسان پويتر رهنداسين ائين سوچڻ بہ پاڻ کي دوکو ڏيڻ آهي، ڇو جو اَڄ ڪيترا منش ٻڌاپي تائين پنهنجي عمر پوري پوڳن نٿا. گهڻا تہ ٻڌاپي جي اَوستا کان پهرين موت جو شڪار ٿي وڃن ٿا تہ پوءِ ٻڌاپي ۾ پوِترتا جو سوال ئي ڪٿي ٿو اُٿي؟

ٻالهہ اِها بہ آهي تہ سنسڪار (عادتون) پڪا ٿي وڃڻ تي پرشارٿ ڪرڻ ڏکيو ٿئي ٿو. خرابيءِ کي تہ شروع ۾ ئي جڙ کان اُکاري ڇڏڻ ۾ ئي سمجهداري آهي. اَڄ منش 25 سالن تائين چڱيءِ طرح ۽ مريادا سان برهمچريہ جو پالن ئي ڪٿي ٿا ڪن؟ اِن ڪانسواءِ شاسترواد‍ي خود چون ٿا تہ شاسترن ۾ 25 سالن تائين برهمچريہ جي لاءِ آگيا نہ آهي پر اِها آگيا آهي تہ جيڪڏهن اِن

ڪان پوءِ 36 سالن تائين ڪو برهمچريه جو پالن ڪرڻ چاهي ته سٺو آهي ۽ اُنکانپوءِ جيڪڏهن ڪوئي 40 سالن تائين پوِتر رهڻ جو وِرت رکي ته اُتم آهي ۽ اُن کانپوءِ جيڪڏهن ڪوئي پورو جيوَن ئي برهمچريه ۾ رهڻ چاهي ته گهڻو اُتم آهي. اِن مان ظاهر آهي ته حقيقت ۾ لکش ته پورو جيوَن ئي برهمچريه جو پالن آهي، پر پوءِ ۾ دواپر يُگ کان منش جي لاءِ 25 سال ته لازمي روپ سان پورو برهمچريه جو پالن ڪرڻ لاءِ نيم ناهيو ويو. جيڪڏهن ’’جيوَن پر‘‘ برهمچريه پالن جو لکش سامهون نه هجي ها ته خود مهاتما ماڻهون سڄو جيوَن برهمچريه ورت ڇو ڌارڻ ڪن ها ۽ گرهستين کي مهاتما نه مڃي سنياسين کي ئي مهان آتما ڇو ٿا مڃين؟ گرهست جيون جي جيڪا مهما آهي، اُها ستيگي گرهست جي آهي اُن وقت جي ئي گرهست کي سربُ آشرم چئي سگهجي ٿو. هلندڙ وقت ۾ گرهست ته نرڪ آهي. اَڄ جو گهر گرهست ڪوئي گرهست آشرم ٿوريئي آهي. آشرم ته پوِتر اَستان کي ئي چئبو آهي. پر هلندڙ وقت جي گرهست ۾ ڪام، ڪروڌ، لوڀ وغيره جوئي ڏيڙو لڳو پيو آهي. اِن ڪري منشن جي اَگيانتا ۽ اُنهن جي اَپوِترتا جي ڪارڻ گهر اَلبُ ۽ آشرم اَلبُ ٿي ويو آهي. اَڄ ڌرم پتني ۽ ڌرم پتيءَ جي وچ مان ڌرم جو نالو ٽٽي پيو آهي. اِن طرح گهوڙ هِنسا ڪري آدي، مڌيه، اَنت دُک جا ڀاڳي بڻجن ٿا. اَڄ جو گرهست ته ٻن ڦيٿن واري هڪ اِهڙي گاڏي آهي جيڪا ڪام، ڪروڌ وڪارن روپي بي لغام، بلوان ۽ چنچل گهوڙن سان ٻڌي پئي آهي ۽ جيڪي گاڏيءَ کي تيز رفتار سان وناش جي کڏي ۾ وٺي وڃي رهيا آهن.

اَڄ به شاديءَ کانپوءِ جڏهن ڪنوار گهر ايندي آهي تڏهن

ائين تہ چيو ويندو آهي تہ گهر لڪشمي آئي آهي پر سڀ ڄاڻن ٿا تہ هلندڙ وقت ۾ تہ نہ اِستريءَ ۾ شري لڪشمي جهڙا لڇڻ آهن ۽ نہ ئي پرش ۾ شري نارائڻ يا ديوتائن جهڙا گڻ آهن. پهرين ٿي ڏينهن ٻئي مڪتي ۽ جيون مڪتيءَ جي لکش ڪان ڪري پون ٿا. جيئن اَمرت ۾ ٿورو زهر ملي وڃي تہ اُهو اَمرت نہ رهندو. اِن ڪري جيڪو منش اِهو مڃي ٿو تہ هو گيان روپي اَمرت بہ پيئندو رهي ۽ ڪام واسنا جي بہ پوُرتي ڪندو رهي تہ اُهو بلڪل ئي ڀُليل آهي. جيئن تپيل تئي تي پاڻي بيهجي نٿو سگهي پر اُڏامي وڃي ٿو تيئن ڪام سان تپيل منش جي بڌيءَ ۾ بہ گيان رهي نٿو سگهي.

اَڄ تہ سڀ مايا جا ئي داس آهن ۽ مندرن ۾ وڃي چوندا اِهو ئي آهن تہ ”هي پريو مان تہ توهانجو ئي داس آهيان“ مُڇ نرگڻ هاري ۾ ڪوئي گڻ ناهي.

# ڪام وڪار روپي دشمن

ٻيا جيڪي دشمن آهن، اُهي هرهنڌ نہ آهن پر اِن وڪارن روپي دشمنن تہ سيني کي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي. اِنهن تہ اَڄ ياءُ ياءُ کي، پتا پُتر کي، اِستري پرش کي بہ پاڻ ۾ دشمن بڻائي ڇڏيو آهي. (گيتا ۾ بہ لکيل آهي تہ ڪام مهاشترو آهي) اِهو تہ سيني جو دشمن آهي ۽ اِنجي سٽا تہ ڏسو ڪيڏي وڏي آهي! اِهو دشمن تہ گهٽي مضبوطيءَ سان ڏاڪو ڄمائي وينو آهي. ڇو جو اِن تہ صدين ڪان ڊيڙا وجهي رکيا آهن. اِنڪري اِن سروَوياپي دشمن تي وجيہ پائڻ وارو نر سڄي وشو جو مالڪ بڻجي سگهي ٿو.

# پرماتما ئي گھر گرھست (پرورتي) کي پويتر بڻائي رام راڄيه اِستاپن ڪري ٿو

پرماتما رام ئي جيت ڏيارائي سگھي ٿو راميشور (پرماتما شِو) جي لاءِ مشھور آھي تہ اُن ڪام کي ڀسم ڪري ڇڏيو ھو. ڪرم سنياسي ناريءَ کي نرڪ جو دروازو ڪري مڃيندا آھن. پر رام راڄيہ ۾ تہ سيتا جھڙيون ناريون بہ گھرجن. اِن ڪري نر کي پوڄيہ شري نارائڻ يا شري رام ۽ ناريءَ کي پوڄيہ شري لڪشمي يا شري سيتا بڻائڻ وارو تہ ديون جو بہ ديو پرماتما ئي آھي نہ سنياسي.

# ڪروڌ سان ڪاريہ بِگڙجي ٿو

ڪروڌ ڪرڻ واري منش جي لاءِ ماڻھن جي من ۾ عزت نہ پر نفرت جي ڀاونا اَچي ٿي. گھڻيئي ماڻھو چوندا آھن تہ ”جيڪڏھن ڪروڌ نہ ڪيو وڃي تہ ٻار بگڙجي وڃن ٿا ۽ ڪروڌ جي بنا تہ گھڻائي ڪاريہ بہ نٿا ٿي سگھن“ پر حقيقت تہ اِھا آھي تہ ماءُ پيءُ جي ڪروڌ ڪرڻ سان ٻار پاڻ وڌيڪ بگڙجي وڃن ٿا. ڪروڌ سان اُھي نِنڊ بڻجي وڃن ٿا. ٻار جيتري ڳالھہ ماءُ پيءُ جي اُنھن جي ڪروڌ ڪرڻ سان مڃن ٿا، سياڻي اوتڙو ڪروڌ ڪرڻ سان نہ پر اُنڪان بہ وڌيڪ ڪروڌ ڪرڻ سان مڃيندا. ڪروڌ سان ٻار دٻاءُ ۾ پل اَچن ٿا، پر ھو سمجھن ۽ سُڌرن نٿا پر اُنھن جي دماغ جو واڌارو رُڪجي وڃي ٿو ۽ اُنھن جي شرير تي خراب اَثر پوي ٿو. ماءُ پيءُ کي ڪروڌ ڪندو ڏسي ٻار بہ ڪروڌ ڪرڻ سکي وڃن ٿا. اِن ڪري ھو بہ اَشانت رھن ٿا ۽ ٻين کي بہ ڏُکي ڪن ٿا.

# ڪروڌ ڪان ڇوٽڪارو راج يوگ دواران

ڪروڌ اُتي پئدا ٿئي ٿو جتي ڪنهن سنساري ڪامنا جي پورتي نٿي ٿي. اِن مان اِها پڪ ٿي ته ڪروڌ ڪان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ پهرين ڪامنا ڪان ڇوٽڪارو ضروري آهي. چاهي اُها ڪامنا عزت جي هجي، ڪنهن شيءِ جي هجي، ڪنهن جي پيار جي هجي، نهڪندڙ حالات جي هجي اِها ڳالهه اَلڳ آهي. هاڻي ڏنو وڃي ته ڪامنا اُتي جاڳرت ٿئي ٿي جتي ڪنهن شيءِ جي ڪمي هجي. ڪميءَ جي محسوستا اُتي ٿئي ٿي جتي اَپورڻتا هجي ۽ منش جي اَڳيان ڪوئي پنهنجو سمپورڻ ساٿي نه هجي.

اِن مان اِهو ثابت ٿيو ته جيڪڏهن منش پنهنجي سمپورڻ پرم پتا پرماتما سان گڏ آتما کي يوگ يڪت ڪيو وڃي ته اُن ۾ سنساري ڪامنا پئدا ٿي نٿي سگهي پر اُن اِستتيءَ ۾ هو ايشوريه آنند ۾ مگن رهندو ۽ اُن کي اَنيڪ ٿيندو جڻ ته اُنکي ڪجهه به اَپراپتي نه آهي.

# ڪروڌ ڪان بچڻ جا اُپاءُ

ايشوري گيان ته اِهو چوي ٿو ته ڀُل ڪرڻ واري تي ڪروڌ نه ڪريو پر اُنجي مدد ڪريو، اُنکي ڀُل جي ڪوه مان ڪڍو نه ڪِ پاڻ به ڪروڌ روپي ڀُل ڪري ڪوه ۾ ڪِرو. جڏهن توهانکي به بئي جو ڪروڌ سنو نٿو لڳي ته توهانکي به ڪروڌ نه ڪرڻ کپي. سنسار کي بدلجندڙ ڏسندي اَڳيان قدم ڪڻو. آخر اِهو وقت به گذري ويندو. ڪروڌ ۾ وقت اَجايو وڃي ٿو. اِن ڪري اُهو ئي وقت حالتن کي سڌارڻ ۾ اَٿوا تڪليفن کي سلجهائڻ ۾ لڳايو. جيڪڏهن گهٽي ئي جوش

ڏيارينداڙ پرستتي آهي جنهن ۾ ڪوشش ڪرڻ ڪانپوءِ ٻہ ڪروڙ جو ٿورو ٻہ سنڪلپ اَچي وڃي تہ جيئن پاڻيءَ ۾ لڪير گهڻي دير نہ ٽڪندي آهي تيئن اُن سنڪلپ کي ٻہ ٽڪڻ بنا هٽائي ڇڏيو! ڪروڙ جي لهر کي پٿر جي لڪير نہ بڻايو. ياد رکو تہ ڪروڙ اَگنيءَ جو صرف ساڌارڻ ڏنڊ نہ آهي پر جيترو وقت ۽ جيتري رفتار سان ڪروڙ جي لهر هلندي آهي اوترو ئي وڌيڪ اُنجو اَثر من ۽ تن تي پوندو آهي ۽ ڪروڙ ڪرڻ وارو پهرين ڪروڙ روپي اَگنيءَ ۾ پاڻ ٿو سڙي ۽ پوءِ ٻي کي ٿو ساڙي. هر گهڙيءَ يا گهڻي وقت تائين ڪروڙ سان آتمڪ شڪتيءَ جو ناش ٿيندو آهي. اِنڪري پرستتيءَ کي پنهنجو اِمتحان سمجهي پار ڪرڻ جو يتن ڪيو. اِهو نہ سوچيو تہ اَهڙي پرستتي اَچڻ ئي نہ گهرجي. پريڪشائون تہ ايندڀون ئي، ڇو جو جيڪڏهن جوش ڏيارڻ واريون حالتون ئي نہ هجن، تڏهن تہ سڀ اَڪروڌي ئي ٿي رهندا. اِن ڪري هاڻي پنهنجي سڀاءَ کي بدلايو ڇو جو وقت وڃي رهيو آهي ۽ اَچڻ واريون پريڪشائن کي پار ڪرڻ سان ئي پار ٿينداسين.

# منش آتما دک ڀوڳڻ جي لاءِ جانورن جي جوڻ ۾ نٿي وڃي

اَڄ اَسان ڏسون ٿا تہ منش کي ايترن پرڪارن جي اَشانتي ۽ ايترن پرڪارن جا ڏُک آهن جو پشوُ، پکي، جيوڙن وغيره جوڻين ۾ تہ اُهي ٿي نٿا سگهن. مثال جي طور سرڪار جون وڌندڙ ٽئڪسون، شين جي وڌندڙ مهانگائي وغيره جي چنتا منش کي ئي ٿيندي آهي. رسم رواج ۽ لوڪ لاج وغيره جي ڪارڻ ٻہ منش ئي ڏُکي

ٿيندو آهي. منش کي ئي گهر، ڪپڙا لٽا، ڀوڄن برتڻ، ڪاٺڻ جي لاءِ ڪاڏو، شاديءَ جي لاءِ خرچ، سکيا جي لاءِ ڌن ۽ عزت جي لاءِ پد وغيره جي چنتا آهي ۽ اِهي نہ هئڻ ڪري هنکي دک ۽ اَشانتي ٿيندي آهي. جانورن جا نہ ڪي اَهڙا خرچيلا ريتي رواج آهن، نہ اُنهن کي مانُ اَپمان، ويش ڀوشا ۽ مڪان دڪان يا ٻچن جي ور وهانءَ جي ڪائي چنتا آهي. اِن ڪري منش ئي اَنيڪ پرڪارن جي وياڌائن، ويدنائن، چنتائن، چيشٽائن، ضرورتن، ڪامنائن، وڪلپن، ويچارن، واسنائن ۽ نراشائن جي ڪارڻ اَشانت رهي ٿو. جيڪڏهن منش جوٽيءَ ۾ پاپ ڪرمن جو ڦل ملندي اَسان ڏسي رهيا آهيون تہ منش جوٽيءَ ۾ پشو وغيره جوٽين کان بہ وڌيڪ ۽ اَنيڪا اَنيڪ پرڪارن جي اَشانتي آهي تہ پوءِ ڇو مڃيو وڃي تہ منش آتما پنهنجي پاپ ڪرمن جو دک روپ پرالبڌ ڀوڳڻ جي لاءِ پشو وغيره جوٽين ۾ ويندي آهي؟ سوچڻ ۽ سمجهڻ جي شڪتي منش کي آهي، نہ پسن کي.

## مايا کان گهبرائڻو ناهي

اَڄ جي سرشٽيءَ تي تہ آهي ئي مايا يعني وڪارن جو راڄ. اِتي مايا ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ ايندي رهندي آهي. گيان جي ڪنهن بہ يڪتيءَ دواران مايا جو هڪ ننڍو سنڪٽ پار ڪرڻ ڪانپوءِ بہ ٻي ڪنهن وڏي روپ ۾ مايا جي پڙرائي سامهون اَچي ئي وڃي ٿي. پر ڌيرجوان بڻجي مايا سان يڌ ڪرڻ وارو منش آخر اُنکان ڇوٽڪارو پائي مايا جيت بڻجي ٿو ۽ پوءِ 21 جنمن جي لاءِ سورڳ ۾ سمپورڻ تندرستي، سک ۽ سمپتي پراپت ڪري ٿو. جيڪو منش مايا روپي ڪوئي ۽ ٻليءَ کي ڀُڪتين سان ڀڄائڻ ڪانپوءِ مايا روپي

ڪتي ڪان ٻڇي وڃي ٿو. اُهو سمپورڻ ۽ سدا ڪال جي سک جي پراپتي ڪري ئي نٿو سگهي....

## ڇا پرماتما سرو ويا پڪ آهي؟

ڪنهن وستوءَ کي ظاهر تڏهن ڏسي سگهجي ٿو جڏهن ڏسندڙ ۽ درشيہ وستوءَ جي وچ ۾ خالي اَستان هجي. جيڪڏهن ٻنهي جي وچ ۾ خالي اِستان ئي نہ هجي پوءِ تہ ڏسڻ جي ڪريا ئي نٿي ٿي سگهي. اِنڪري جيڪڏهن پرماتما کي سروَويا پڪ مڃيو وڃي پوءِ تہ پرماتما جو ساڪيات درشن ٿي ئي نٿو سگهي. ڇو جو پرماتما ۽ آتما جي وچ ۾ ڪوئي خالي اِستان نہ هئڻ جي ڪري ڏسڻ جي يا ٻي ڪابہ ڪريا ٿي نٿي سگهي. ڪريا تڏهن ٿئي ٿي جڏهن ڪا خالي جڳهہ هجي. جيڪڏهن پرماتما سروَويا پڪ هجي تہ هو بہ اَسانکي ڏسي ڪونہ ٿو سگهي. جيڪڏهن آتما کي ئي پرماتما مڃيو وڃي پوءِ تہ ڏسڻ جو يا دويہ ساڪيات جو سوال ئي نٿو اُٿي. پرماتما سروَويا پڪ هجي تہ پرماتما ينعيٰ سريشٽ آتما ڇو چوائي وڃي ۽ هن جو دويہ جنم ڇو هجي ۽ منش ٻين کي پاپ آتما ۽ پنج آتما ڇو ٿا چون؟ هر آتما جو پارٽ اَلڳ آهي. پرماتما جو بہ پارٽ اَلڳ آهي. تڏهن تہ چوندا آهن : اوچا تيرا نانءُ، اوچا تيرا ٿانءُ، اوچا تيرا ڪام ۽ اوچي تي اوچا ڀڳونت.

## آتما جي سڃاڻپ

اَگر مُسڪان جو اَنيڙ اَڪين يا مُک کي هجي تہ وشيہ جي پري ٿيڻ تي اُها مسڪان سماپت ٿي وڃي پر اَسان ڏسندا آهيون تہ گهڻا دفعا گل کي هٽائڻ کانپوءِ بہ گل جي سندرتا ۽ سڳنڌ جو

ويچار ڪري مشڪل جو اَنڀؤ ڪندا آهيون. اِن طرح اَسان جي سامهون جڏهن ڪو منش ايندو آهي تہ نہ صرف اَسان اُنکي ڏسندا آهيون پر اُنکي ڏسندي ئي اَسان ويچار بہ ڪندا آهيون تہ اَسان اُنکي سڃاڻون يا نہ سڃاڻون يا هيءُ اَسانجو دوست آهي يا دشمن ۾ اُنهن ويچارن سان گڏو گڏ اَسانکي اُنجي لاءِ مشڪ يا دک جو اَنڀؤ بہ ڪرڻو پوندو آهي. ويچار ۾ سک دک جو اَنڀؤ ڪرڻ اَڪين جو ڪم نہ آهي پر اِنکان اَلڳ ڪا ٻي ويچاروان ۾ اَنڀؤ شيل ينعيٖ چيتن ستا جو سپاءُ آهي جنهن کي ”آتما“ چيو ويندو آهي.

ڪو گڻ جيڪو پرڪرتيءَ جي تتون ۾ نہ هجي، اُهو اُنهن تتون کي ملائي ڪري ناهيل شيءِ ۾ هجي، تہ بہ اُنکي اُن طرح ٻڻائڻ وارو ڪوئي ”چيتن نمت“ گهرجي. چاڪاڻ تہ بنا ڪنهن ويچاروان چيتن جي پرڪرتيءَ جا تتو بہ هڪ خاص پريوجن جي لاءِ پاڻ ئي ملي ڪري هڪ خاص پدارٿ يا اَوستا نٿا ٻڻائي سگهن. ٻي هڪ ڳالهہ اِها بہ آهي تہ پرڪرتيءَ جا تتو يا پدارٿ پوڳڻ جي لاءِ آهن، اُهي پاڻ پوڳيندڙ ڪيئن ٿي سگهن ٿا؟ جيڪي اَنڀؤ ڪيا ويندا هجن اُهي پاڻ اَنڀؤ ڪرڻ وارا نہ آهن.

سڀ ڄاڻن ٿا تہ ڪوئي بہ مڪان، ڪنهن چيتن منش جي رهڻ جي لاءِ هوندو آهي. مڪان ۾ رکيل بسترو يا ڪرسي بہ چيتن منش جي لاءِ پريوگ ٿيندي آهي اِنڪري شرير کان اَلڳ ڪا چيتن ستا نہ آهي تہ شرير جو ڪوئي پريوجن ئي سڌ نٿو ٿئي. جيئن موٽرڪار کي هلائڻ وارو ڊرائيور آهي اَهڙي طرح شرير کي هلائڻ واري چيتن شڪتي آتما آهي. آتما من، ٻڌي ۾ سنسڪارن جي گڏيل هستي آهي. آتما ۾ ئي ويچار ڪرڻ (من) ۾ نرنئہ ڪرڻ

(ٻڌي) جي شڪتي آهي ۽ آتما ئي شرير دوارن ڪرمن ڪرڻ جي شڪتي رکي ٿي. اِنهيءَ ڪري جهڙا ڪرم آتما شرير دواران ڪري ٿي اُن موجب اِنهيءَ جا سنسڪار ٺهن ٿا. جڏهن آتما شرير کي ڇڏي ڏيندي آهي تہ اُن ۾ اِهي سڀ ڪريائون ٿيڻ بند ٿي وينديون آهن. ڇاڪاڻ تہ جنهن جي لاءِ اُهي ڪريائون هيون، هاڻي اُهوئي اُتان هليو ويو آهي. جيئن مڪان ۾ رهڻ وارو ئي ڪوئي نہ هجي تہ پنکو ڇو هلي، لائيٽ ڪنهن جي لاءِ ٻري.

مستڪ تہ اَکين دواران موڪليل تصويرن کي ۽ ڪنن دواران موڪليل آوازي اَثر کي صرف پڪريندڙ آهي پر اُنهن کي هلائيندڙ تہ آتما ئي آهي. مستڪ تہ اُنجو ڪنٽرول روم آهي ۽ نہ ڪنٽرولر. ڪنٽرول تہ مستڪ کان اَلڳ ڪوئي چيٽنيہ آهي. جيڪو ڪنن دواران ٻڌل لفظن جو مطلب سمجهندو آهي، اُها چيٽنيہ آتما ئي آهي. اُها نہ صرف اُنهن لفظن جو يا اَکين دواران ڏٺل تصويرن جو ڀاءُ ئي سمجهندي آهي پر اَنيؤ بہ ڪندي آهي. آتما مستڪ جي وچ ۾ رهي ٿي. چوڻي بہ آهي تہ ”ڀرڪٽيءَ ۾ چمڪي ٿو هڪ عجيب ستارو.“

جنم جنمانتر شرير جي سنگ ۾ رهڻ جي ڪارڻ ئي آتما پنهنجي سوروپ کي بہ ڀلجي ويئي ۽ اَڄ گهڻيئي آتمائون تہ پنهنجي هستيءَ کي بہ نٿيون مڃن. شرير سان گڏ آتما جو شروعات کان پاڻ ۾ ايترو گهرو ۽ ويجهو سنبنڌ رهيو آهي ۽ شرير دواران ئي اُنکي سک دک جو اَنيؤ ٿيندو رهيو آهي ۽ اِن اَڀياس سان اُن، شرير سان گڏ ئي ايڪتا مڃي ويئي آهي. جيئن ڪوئي راجڪمار بالڪ اَوستا ۾ پنهنجي راجمحل ۽ ماتا پتا کان وڇڙجي وڃي ۽

جهنگل ۾ رڍن سان ملي ۽ اُنهن جي سنگ ۾ ئي سدائين رهڻ سان هو پاڻ کي بہ هڪ رڍ ئي مڃڻ لڳي. ٺيڪ ساڳئي حالت اچ آتما جي ٿي آهي.

ڪنهن منش ۾ ڪام وڪار جي، ڪنهن ۾ ڪروڌ جي سنسڪارن جي هجڻ ڪري يا ڪنهن کي هڪ مان لاڀ، ڪنهن کي اُنمان ئي نقصان وغيره هئڻ سان ظاهر ٿئي ٿو تہ اَسان اَڳين جنمن جا بہ ڪجهہ سنسڪار ۽ ڪرمن جو حساب ڪٺي آيا آهيون. نہ تہ هيء سنسار ائين نہ هجي جيئن تہ اسين ڏسي رهيا آهيون.

# سپ هنسڪ

ماڻهون چوندا آهن ”اَسان ڪنهن جو خون نٿا ڪريون مطلب تيزڌار واري ڪنهن هٿيار سان هو ڪنهنجو خون نہ ڪندا هجن پر تيز ۽ تکي تلوارن کان بہ وڌيڪ گهاتڪ لفظ هو پنهنجي مک روپي مياڻ مان ڪڍي سڌوئي ڪنهنجي هرديہ کي چيري ڇڏيندا هوندا. تيرن کان بہ وڌيڪ زهريلا يا بندوق جي گوليء کان بہ وڌيڪ ڇهنبدار ڳالهيون چئي ڪري تہ هو پنهنجي جيون ۾ گهٽن ئي ڪومل هردين کي چوٽ پهچائيندا هوندا. اِئين بہ نہ ڪندا هجن تہ ڪو پنهنجي آتما جي شڌ آواز جو گلو دٻائي وويڪ جو خون تہ ڪندا ئي هوندا.اِنکان بہ ڪوئي بچي ويو هجي تہ اُهو ڪير آهي جنهن پنهنجي نيتر روپي ڪمان تان ڪام واسنا جي تيرن سان ٻين جي ڪايا تي حملو نہ ڪيو هجي؟ يا اُهو ڪير آهي جنهن ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه ۽ اَهنڪار وغيره جي فوجن کي پنهنجي هرديہ روپي هوائي اَڏي تان اُڏائي ٻئي جي تن يا من روپي ديش تي لاهي اُنکي زخمي (دکي) نہ ڪيو هجي؟

# سچو اَشوَميڌ يگيہ

من ئي اُهو اَچو گهوڙو آهي جنهنجو هڪ ڪن ڪارو آهي. هنجي ڪايا ڪلپ ڪرڻ جي لاءِ ''پؤتر پيوَ، يوگي پيوَ'' ئي شِو گيان جي آڌار تي منتر آهن. شِو جي لاءِ اَرپڻ ڪرڻ ئي يگيہ ۽ ساتوڪ آهار جي دوا آهي. اَهڙو اَشوميڌ گيان يگيہ هاڻي ٿي بہ رهيو آهي. هن گيان اِگنيءَ ۾ پنج وڪارن جون آهوتيون ڏيڻ وارو نر ئي چڪرورتي سرڳ جي راجيہ کي يا اَمر پيوَ کي پراپت ڪري سگهي ٿو.

# پرماتما ئي ست گرو

ساري جڳت جو فقط هڪ گرو مطلب مڪتي ۽ جيون مڪتيءَ جو داتا، نراڪار پرم پتا پرماتما ترمورتي شِو ئي آهي. پر منشن جي پنهنجي بالڪ بڌيءَ جي ڪارڻ ''پرماتما ئي گرو آهي'' ائين مڃڻ جي بدران ''گرو ئي پرماتما آهي'' ائين مڃي وينا آهن! پر ان گروئن کي بہ مڪتي ۽ جيون مڪتي ڏيڻ وارو هڪ نراڪار شِو ئي آهي.

# ڀارت جي حالت

هڪ اُهو بہ ڀارت هو جتي مانُ مريادا هئي ۽ راجا پرجا جو سنبنڌ هڪ اُتم، گڏيل ڌرم ۽ پيءُ پٽ جهڙو هو ۽ هاڻي اُهو ڀارت بہ اَسانجي سامهون آهي جتي مريادا ۽ مهانتا جو نالو نشان ايترو تہ متجي چڪو آهي جو ڪنهن لاءِ اهو سمجهڻ ۽ مڃڻ بہ مشڪل ٿي پيو آهي تہ ڀارين هيءُ ڀارت اَهنسا، پريم، شانتي ۽ سکن سان ڀرپور هو.

# پرشٽاچار جو ڪارڻ ڪمزوري آهي، پر ڪمزوري جو ڪارڻ ڇا آهي؟

هاڻي سوال اُٿي ٿو ته ڪمي ڇو ٿيندي آهي؟ ڪمي تڏهن ٿيندي آهي جڏهن منش جا ڪرم ڪوٽا هوندا آهن يا جڏهن پڇ ختم ٿي ويندا آهن. جڏهن پڇ ختم ٿي وڃن ٿا ته شيون به نٿيون ملن. اِن باري ۾ هڪ مشهور پهاڪو هن طرح آهي ته ”سڀ پدارٿ آهن جڳ ۾، پر ڀاڳيه هين نر ڪونه پائي ٿو.“ جيئن پيٽرول جي بنا موٽرڪار نٿي هلي سگهي ۽ ڪاڏي جي بنا منش جو جيون نٿو هلي سگهي، تيئن ئي گيان ۽ يوڳ جي بنا آتما جا ڪرم به سريشٽ نٿا ٿي سگهن. ڪمي مٽائڻ لاءِ پنهنجي اڳلن وڪرمن (پاپ ڪرمن) يا وڪاري سنسڪارن کي ختم ڪرڻ ضروري آهي. اِن لاءِ هڪ ئي سريشٽ مارڳ آهي ”راج يوڳ جو اڀياس.“

# اَمرت ويلي جي مهما ۽ پراپتي

اَمرت ويلي کي سٽيڳ جو سڪدائي سمو ڪري ليکيندا آهن. ايڪانت ۽ شانت واتاورڻ ۾ پرماتما سان روح رهاڻ ڪرڻ، سروَ سکن ۽ شڪتيون پراپت ڪرڻ جو ويلو آهي. اِن سميه کي برهم مورت به چوندا آهن. پرم پتا پرماتما شوَ ڀولي ڀنڊاريءِ جي روپ ۾ اَنمول خزاني جي اَمرت ورکا ڪندا آهن. جيڪي منشيه اَمرت ويلي ۾ پرماتما کي پيار سان ياد ڪندا آهن اُنهن کي اِهو اَنمول خزانو پراپت ٿيندو آهي، جو ظاهري طرح ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي.

اَمرت ويلي جي هڪ سيڪنڊ جو اَنيۇ سڄي ڏينهن ۽ رات جي سروَ پراپتيءِ جي سوروپ جي اَنيۇ جو آڌار آهي. اَمرت ويلي

تمو گڻن جو پرڀاءُ ڏبيل هوندو آهي ۽ واتاورڻ ورتيءَ کي بدلائڻ وارو هوندو آهي. اِن وقت کي وڃائڻ سان سهڄ پراپتيءَ کان وڃڇٽ هئڻ جي ڪارڻ سڀي ڏينهن ۾ پلي ڪيترو به پرشارٿ ڪيو پر سڀي ڏينهن جي شروعات ينعي فائونڊيشن جو وقت ڪمزور هئڻ جي ڪارڻ محنت گهڻي ۽ پراپتي گهٽ. اِنڪري اَمرت ويلي جي سهڄ پراپتيءَ جي ويلي کي ڄاڻندي اُنجو لاڀ وٺو. چوڻي به آهي ته ”جاڳ جاڳ من نينڊ نه ڪر، اَب تو روشن هو ياري، جن جاڳيا تن اَمرت چاکيا، جِن سويا تِن کويا ري“ گرنٿ صاحب ۾ به لکيل آهي ته ”اَمرت ويلا ست نام وڏيائي ويچار“ مطلب به منش جيون کي هاڻي هيري سمان بڻائڻ لاءِ پهريون ڏاڪو آهي اَمرت ويلي ۾ اَسانجو سدائين اِهو نيم هجي ته اَک کلڻ شرط ”پتا پرماتما جي ياد“ اِهو سڀاءُ بڻائي ڇڏيون. بستري تان هڪدم اُٿي ڪرا نه ٿيون ٿي منٽ اُنهيءَ ياد ۾ رهڻ ضروري آهي ته مان اَشريري جوتي بندو روپ آتما آهيان. مان گيان جي ساگر، آنند جي ساگر سروَ گڻن جي ساگر ۽ سروَ شڪتيوان پرم پتا شو جي سنتان آهيان. مان آتما سورج، چندرما ۽ تارن کان به پري پنهنجي اَصلي گهر پرمڌام مان هن سرشٽي منچ تي آيس. هي شرير ته منهنجو رٿ آهي جنهن تي مان سوار آهيان. مان هن سرشٽي روپي رنگ منچ تي پنهنجو اَنادي مقرر ٿيل پارٽ اَدا ڪرڻ آيو آهيان. آخر ته مونکي هيءَ شرير جو چولو لاهي جوتي بندو روپ ۾ پاون بڻجي واپس پنهنجي گهر پرمڌام يا پرلوڪ وڃڻو آهي. پوءِ اِشنان پاڻي ڪري وري جيترو ٿي سگهي ايڪاگرت ٿي روحاني ياد جي ياترا ۾ ويهجي. شو بابا جي مهما ڪجي ۽ وئرٿ سنڪلپ نه هلائجي صرف

گيان جي ٻُڌي روپي ٽئين نيتر سان ملڻ منايو. شروع شروع ۾ ياد جي ياترا ۾ وئرٿ سنڪلپ ايندا پر جيئن جيئن ياد ۾ ورڌي ٿيندي ويندي تيئن وئرٿ سنڪلپ بہ گھٽجندا ويندا جيئن سورج جي تيج اَگني ”تپت“ ۾ ڪچري جي بدبوءِ ختم ٿيندي آهي اَهڙي طرح پرماتما جي ياد يوگ اَگنيءَ ۾ آتما جا پراڻا وڪار ي ڪرا سنسڪار بہ ختم ٿين ٿا ۽ سنن دئوي گڻن جي سهج ريت ڌارڻ ٿئي ٿي. منش ۾ نمرتا، پريم، سنتوش، پويترتا، اَنترمڪتا، سهن شيلتا، هرشت مکتا ۽ نرپيتا وغيره دويہ گڻن جي اَچڻ سان هن جو جيون هيري سمان بڻجي ٿو. هن گيان مارگ ۾ پرورت ٿيڻ جو پهريون ساڌن آهي من ۽ تن جي شڌي ۽ دويہ گڻن جي ڌارڻا اها پؤترتا سان ئي ٿي سگهي ٿي. پؤتر هردي وارو منش ئي پريوءَ کي پائڻ جو اَڌڪاري بڻجي سگهي ٿو. گيان ۽ گڻن جو پاڻ ۾ گهرو سنبڌ آهي گيان جي سونهن دويہ گڻن سان ئي ٿيندي آهي سو اَهڙي اَمرپد کي پراپت ڪرڻ لاءِ ڪوڙي وشئہ رس جو تياڳ بہ ضروري آهي. پرهيز بنا پڻ سچو آنند ڪين ملندو. تياڳ سان ئي تپسيا ”ياد“ بڻجي سگهي ٿي ۽ سچي دويہ درشٽي بہ تڏهن کلندي جڏهن اَسانجو آئينو هر طرح صاف ۽ اُجوَل هوندو. ايشوري نيمن جي پالنا ئي اَسانجي جيون کي هيري جهڙو سندر بڻائي اوچ ڪوٽيءَ جو منش ديوتا سمان بڻائي ٿي . اَنترمک اَوستا ئي گپت خزانو آهي. جيئن برسات جون بوندون سپيءَ جي مک ۾ سمائجي موتين جو روپ وٺن ٿيون. تيئن پرماتما شوَ جي گيان وررشا کي ڌارڻ ڪري پاڻ کي سپيءَ سمان سمجهي سچي ماڻڪ موتيءَ جهڙو پنهنجو سينگار ڪندا رهون . اَهڙي طرح پاڻ پنهنجو اَنمول هيري

جهڙو جيون گهر گرهست ۾ رهندي ٽرسٽي بڻجي هن سنسار ۾ ڪنڊن جي وچ ۾ ڪم ڪار ڪندي روحي گلاب ۽ هنس بڻيءَ جهڙو اَسانکي بڻجڻو آهي.

شوَ بابا چونٽا سڪيلڊا ۽ پيارا ٻالڪو اوهان اُلهاس جي بغيچي جا روحي گلاب آهيو اَجان پوڄاري ٿي رهندءُ هاڻي پوڄ ديوتا بڻجڻ جو پرشارٿ ڪريو. سدا گڻ گراهڪ ٿي رهو . پڳتيءَ جو ڦل آهي گيان ۽ گيان جي پراپتي سان ئي سيني منشن جي گتي ۽ ست گتي ٿئي ٿي. هي سنگم يگ جون سندر گهڙيون ”وقت“ فالتو ڳالهين ۾ اَجايو نہ وڃايو. هاڻي اسين پاڻ کان پڇيون تہ ڪيترو اَمرت ويلي جو روحاني ياد جي ياترا ۾ رهون ٿا ۽ سڄي ڏينهن ۾ بہ ڪرم يوگي بڻجي ”هٿ هاج ۾ ۽ دل دلبر (شوبابا) جي ياد ۾“. گيتا ۾ بہ لکيل آهي ”من مناڀوَ“ينعي هڪ جي ياد ۾ رهون. اَسانکي يوگ سان جنم جنمانتر جا پاپ ڪرم ڀسم ڪرڻا آهن پر وقت ٿوروئي بچو آهي ۽ مهاوناش جو وقت اَچي نزديڪ پهتو آهي. ياد هجي تہ هاڻي اُهو وقت اَچڻ وارو آهي جنهن جي باري ۾ چيو ويو آهي تہ ”ڪسي ڪي دبي رهي ڌول ۾، ڪسي ڪي راجا کاءِ، ڪسي ڪي چور لوٽ گئي، ڪسي ڪي آگ جلاءِ، سڦلي هونگي اُسڪي جو ايشوريہ اَرٿ لگاءِ.“

اِنڪري هاڻي سمهڻ جي لاءِ وقت ڪونہ رهيو آهي. جيڪڏهن نرڳ مان سرڳ ۾ وڃڻ چاهيو ٿا تہ هاڻي تڪليفن کان نہ گهبرائيندي پنهنجي مقصد جي طرف وڌي هلو. پاڻ کي چئتن آتما سمجهي آتم گيان پائي هن شرير کي هلائڻ وارو جاڻي ۽ گهر کي هلائڻ وارو پاڻ کي ٽرسٽي سمجهجي.

# پرماتما شوَ پنهنجو ڪرتويہ ڪڏهن ڪندو آهي؟

پرماتما جي مهما ۾ هڪ طرف ”بگڙي“ ۽ ٻئي طرف ”بڻائڻ وارو“ لفظ جُڙيو پيو آهي. اِن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ هو اِن ٻنهي ڳالهين جي سنگم جي وقت ايندو آهي. جڏهن منش پتت ٿي ويندا آهن تڏهن هو راج يوگ دواران پاون بڻائڻ ايندو آهي. جڏهن سڀ دکي ٿين ٿا، تڏهن هو دک مٽائڻ ۽ سک ڏيڻ اَچي ٿو، اَهڙو وقت تہ ڪلهيگ جي اَنت جو ئي وقت آهي. چاڪاڻ تہ تڏهن ئي آسري سرشٽيء جي وناش ۽ ستيگي نئين، پاون ۽ سکي سرشٽيء جي اِستاپنا ممڪن ٿي سگهي ٿي. ٺاهڻ تہ سدا نئين ۽ سٺي شيء جو ئي ٿيندو آهي. پوءِ کي تہ قلعي وغيره ڪرڻ جو ئي ڪم هوندو آهي. سرشٽي منچ تي اُهو ڪم وقت وقت تي ٻيا ڌرم اسٿاپڪ (ٻڌ، ڪرائيسٽ وغيره) اَچي ڪن ٿا پر بگڙيء کي بڻائڻ يا پراڻي کي نئين، جو ڪاريہ تہ صرف پرماتما ئي ڪري ٿو ۽ اِن لاءِ تہ هو ڪلهيگ جي اَنت ۽ ستيگ جي شروعات جي سنگم تي ئي اَچي ٿو ۽ پتت دنيا کي وري پاون ڪري ديوي سوراج بڻائي هن پراڻي دنيا جو شنڪر ديوتا دواران وناش ڪرائي ٿو.

# برهمچريہ جي مهما (پوِترتا)

برهمچريہ جي آڌار تي ئي جيون جي عمارت بيٺل آهي برهمچريہ جي پالن سان ئي منش نروگي ۽ سکي رهي ٿو. جيڪڏهن منش جيون مڪتي پراپت ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ڌرم راج جي سزا کان بچڻ چاهي ٿو تہ برهمچريہ پالن ڪرڻ بنا اُنجو اِهو منورٿ پورو نٿو ٿي سگهي.

ايشوري نيمن جي پالنا ئي اَسان جي جيون کي سون جهڙو سندر بڻائي، اوُچ ڪوٽيءَ جو منش بڻائي ٿي. منشن جو پهريون ڪاريہ آهي ايشوريہ گيان جي خزاني کي پنهنجي هردي جي تجوڙيءَ ۾ ڪنو ڪري پنهنجو آئيندو اُتم بڻايون. جڏهن اسين سدائين هن گيان گنگا ۾ ٽبي ڏيئي سچي اَمرت جو پان ڪنداسين تڏهن ئي اَمرلوڪ جا واسي ٿينداسين.

پر اَهڙي اَمر پد کي پراپت ڪرڻ جي لاءِ بہ تہ ڪا قيمت چڪائڻي پوندي! شو بابا چويٿو پالڪو ”پوِتر بنو، راج يوگي بنو“ اُن جي مکيہ ڌارڻا آهي پوِترتا، برهمچريہ جيون جي ڌارڻا. اِندرين ۽ من کي پورڻ ريت وس ۾ آڻڻ کي چئجي ٿو برهمچريہ. سچي سک جي پراپتيءَ لاءِ ڪوڙي وشيہ رس جو تياڳ بہ ضروري آهي (گيتا ۾ بہ لکيل آهي ”ڪام وڪار“ مهاشترو آهي) پرهيز بنا اَندر جو آنند ڪين ملندو ۽ سچي دويہ درشٽي بہ تڏهين کلندي جڏهن اَسانجو آئينو هر طرح صاف ۽ اُجول هوندو.

ڇو جو مرتيو ۽ ٻڍاپي جي ڪشٽ کان بچائڻ وارو، منش جي من کي پرماتما جي سمرتيءَ ۾ پڪيءَ طرح يوگيہ بڻائڻ وارو، منش کي گيان جي ڌارڻا جي قابل بڻائڻ وارو، جيڪڏهن ڪوئي پرشارٿ آهي تہ اُهو برهمچريہ ئي آهي. برهمچريہ جي پالنا سان ئي منش کي آڌياتمڪ شڪتي ملي ٿي. جنهن سان هو ڪروڌ وغيره وڪارن سان يڌ ڪري اُن تي وجيہ پراپت ڪري سگهي ٿو.

## پڪو نشچو (محڪم اِرادو)

اِنڪري اهو پڪو سنڪلپ ڪرڻ کپي تہ پليءِ ڪجهہ بہ ٿئي، پلي مون تي ڪيترا بہ ظلم ڪيا وڃن، مان پريوءَ جي آگيا اَنوسار

پورڻ پؤتر بڻجي مڪتي ۽ جيون مڪتيءَ جو اڌڪاري بڻجندس.
منهنجي من ۾ مايا جا پلي ڪيترا به طوفان اَچن هن ڪلهيڳي سنسار جا ماڻهو مونکي ڪجهه به چون، پر پؤترتا روپي ڌرم کي ڪڏهن نه ڇڏيندس. ڇاڪاڻ ته اِهائي ته منهنجي اَنمول ملڪيت ۽ مونکي ايشور جي دين آهي . اهڙيءَ طرح هيءَ ڪمل جي گل جو آدرش پگوان پرم پتا ”شو“ وٽان مليل آهي. پارتي سڀيتا ۾ جيون جي آدرش چيزن کي ۽ تمام اُتم چيزن کي، ڪمل گل جي مشهابت ڏني ويئي آهي. ڪمل گل پارتي سنسڪرتيءَ جو نشان آهي. اُچي ۾ اُچا ويچار ظاهر ڪرڻ جو مثال ڪمل آهي . ڪمل صاف ۽ پؤتر هوندي به نرليپ رهندو آهي. اهڙيءَ طرح منش پنهنجي گهر گرهست وهنوار ۾ رهندي ڪمل گل سمان نيارو ۽ سپني جو پيارو بڻجي پاڻ پڪو نشچو ڪري هلڻ سان سک ۽ شانتي پراپت ڪري سگهي ٿو.

# شپ ڪامنا ڪيو، پر ڪامنا جي پورتيءَ لاءِ ڪامنا نه ڪيو.

شپ ڪامنائن ڪانسواءِ ته منش جو جيون هلي ئي نٿو سگهي. پر ”اَسانجون اُهي سپ ڪامنائون پورڻ ٿي وڃن“ اِها ڪامنا تياڳڻ گهرجي. جڏهن ڪابه اَهڙي حالت اَچي جو اَسانجي ڪابه ڪامنا پوري ٿيندي نه ڏسڻ ۾ ايندي هجي ته اُن ۾ شوڪ نه ڪرڻ گهرجي پر اِن ڳالهه جو سمرڻ ڪرڻ گهرجي ته ”ايشور جي هيءَ وراٽ ليلا، هي وڏو ناٽڪ گهڻو يڪتي يڪت آهي ۽ پلن ڪانسواءِ آهي، انڪري يا ته منهنجي ڪامنا انڪري پوري نه ٿي ٿئي ته هي منهنجي ڪنهن اَڳلي جنم جو ڦل ئي اَهڙو آهي يا منهنجي

پرشارٿ ۾ ڪجهه ڪمي هجي يا اُن جي پوري نہ ٿيڻ ۾ ئي منهنجو ڪلياڻ آهي جنهن ڪي مان نٿو ڄڻان.`` ائين سوچڻ سان ايندڙ ڪروڌ جو اَچڻ بہ بند ٿي وڃي ٿو.

ان ڳالهہ ڪي سيئي مڃيندا تہ ڪامنا ڪرڻ واري جي من جون ڪامنائون ڪڏهن بہ ترپت نہ ٿينديون. ڇا اَگني تي گيهہ وجهڻ سان ڪڏهن اَگني شانت ٿيندي آهي؟ نہ، اُها تہ وڌيڪ ئي ڀڙڪندي آهي. انهيء طرح، وشئہ ڀوڳ ۾ ويڪتين جي ڪامنا ڪرڻ وارو من بہ اُنهن ڪي ڀوڳي ترپت نٿو ٿئي. اِهو اَسان سڀني آتمائن جنم جنمانتر تائين اَنيڱ ڪيو آهي ۽ اَسان ڀين جي آزمودن مان بہ ڄاڻون ٿا. اِنڪري اَسان جي من ڪي جيڪا شانتي ۽ سک ڪپي، جيڪو آنند رس ڪپي، اُهو اُن وشئن ۾ ويڪتين جي پراپتيء سان حاصل نٿو ٿي سگهي پر آتم سوروپ اِسٿتيء ۾ اِسٿت ٿي پرڪرتيء ڪي وس ۾ ڪرڻ سان ئي ٿي سگهي ٿو. اِها ڳالهہ جيڪڏهن من ۾ چڱيء طرح سمجهي وڃجي تہ ڪامنائون شانت ٿي وينديون ۽ اِنجي شانت ٿي وڃڻ سان ڪروڌ جو شانت ٿيڻ تہ پوء پڪو آهي.

# جيون روپي ٻيڙي ڪام حوالي يا رام حوالي

منش جي من ۾ رام وسي ٿو يا ڪام. سڄو فرق اِن ڳالهہ تي ئي آڌار رکي ٿو. جيڪڏهن منش جي من ۾ شوَ جي ياد وسي ٿي تہ اُنجو من شواليہ آهي ۽ جيڪڏهن اُن ۾ ڪام وغيره يا وڪاري ورتيء جا سنسڪار آهن تہ اُهو نرڳ آهي. پنهنجي تن ۽ من سان منش سنو بہ ٻڌجي سگهي ٿو ۽ برو بہ. هن تن يا من سان ڪام جو سمرڻ ۽ ڪام جو ئي ڀوڳ ڪري منش نرڳ ۾ اَچي ٿو ۽ اِنهيء تن

۽ من سان منش رام جي سمرتي ۾ رهي ۽ ڀڳوان سان يوڳ لڳائي ڪري سرٻ ڏانهن ويندڙ ٿئي ٿو.

## شاسترن جا ڍير آهن پر ڪام ڪي جيتڻ لاءِ گيان شاسترن جا ڍير نه آهن.

اَڄ منش شواليه ۽ مندرن ۾ وڃن ٿا پر من کي شواليه يا مندر نٿا بڻائن. اُهي گيان جي لاءِ پاٺ وٽ شاسترن جا ڍير ته لڳائي رکن ٿا پر وڪارن کي جيتڻ جي لاءِ گيان شاستر پاٺ وٽ نٿا رکڻ چاهين. هو پنهنجي من ۾ اِنهن وڪارن کي اَچڻ کان روڪين نٿا ۽ صرف رام جي سامهون اينرو چئي سنتوش ڪن ٿا ته ''هي ناٿ، مان مورک آهيان، ڪل ۽ ڪامي آهيان'' وشئه وڪار متائو پاپ هرو ديوا!پر اِنهن کي ڪڍڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪن جو اَسانجو من شواليه يا پؤتر بڻجي سگهي.

## من ۽ ٻڌي ڇا آهن؟

من ۽ ٻڌي جوتي بندو روپ آتما جا اَنگ آهن. من جو ڪم آهي سنڪلپ ڪرڻ ۽ ٻڌيء جو ڪم آهي اُنهن سنڪلپن جي ججمينٽ (فيصلو) ڪرڻ. ٻڌيء جي فيصلي تي ئي منش پنهنجا ڪرم ڪري ٿو ۽ پاڪي پُڻيه آتما يا پاپ آتما بڻائي ٿو. آتما جڏهن مکتيء جي اَوسٿا ۾ هوندي آهي ته نرسنڪلپ هوندي آهي. ڇو جو هوء شرير کان سواءِ هئڻ ڪري هن سنسار جي سنٻنڌ کان پري هوندي آهي پر بندو روپ آتما ۾ ئي هنجو سرشٽي منچ جو سڄو پارٽ (جنم جنم جو) سمايل هوندو آهي جيڪو پوري وقت تي وري شروع ٿيندو آهي ۽ آتما منش جوڻي وٺي هن سرشٽي منچ

تي اُنکي وري دھرائيندي آھي ۽ ڪرمن جي آڌار تي ئي منش جا سنسڪار ٺھن ٿا ۽ سنسڪارن جي آڌار تي ئي ھو ڪٺپتلي وانگر نچي ٿو. منش آتما ڪي سٺن ڪرمن جو ڦل سک ۽ برن ڪرمن جو ڦل دک بہ اِنھيء شرير دواران ڀوڳڻو پوي ٿو.

# جيون مڪتي ڇا آھي؟

پھرين پھرين ڪابہ منش آتما جڏھن ھن سرشٽيء تي ايندي آھي تہ اُنکي دک نہ پر ھوء سکي ھوندي آھي، آھستي آھستي ئي وڪرم بنڌن ۽ دک جي بنڌنن ۾ بڌجندي آھي. اِن مان بہ جيڪي منش آتمائون ستيگ جي شروعات ۾ ايندي يون آھن، اُنھن کي 100 ٽڪا (16 ڪلا) سمپورڻ پؤترتا، سک ۽ شانتي پراپت ھوندي آھي. اُنھن جي اُن اَوسٿا کي ”جيون مڪت اوسٿا“ اُنھن جي پد کي ”ديوَ پد“ ۽ اُنھن جي اُن ڪال (وقت) جي اُن سرشٽيء کي ”سرڳ“ چيو ويندو آھي. جتي يٿا راجا تٿا پرجا ھوندي آھي اُن وقت ۾ ڪوبہ لوُلو، لنگڙو، انڌو، ٻوڙو يا نرڌن منش نہ ھوندو آھي.

# مڪتيء ڪانپوءِ ڇا آھي؟

مُڪتي معنيٰ دک جي پورڻ ڇٽڪاري جي اَوسٿا. اِن ڪانپوءِ ھرھڪ آتما ھن سرشٽيء ۾ جيون مڪتيء يعنيٰ سک جي پراپتي بہ ڀوڳيندي آھي، پوءِ وري اُھي جيون بنڌن ۾ اَچن ٿيون ۽ پوءِ وري اُنجي بہ اَنت ۾ ھو مڪتي پراپت ڪنديون آھن ۽ ان طرح ھيء انادي کيل ھميشھہ ھلندو ئي رھندو آھي.

منش جو ساڌارڻ وويڪ اِھو چوي ٿو تہ مڪتيء ڪانپوءِ آتما موٽندي ضرور ھوندي. جيڪڏھن مڪتي ٿيڻ ڪانپوءِ آتمائون برھم

لوڪ ۾ ئي هميشھ جي لاءِ رهن ٿا هي جو سرشٽيءَ تي منشن جو واڌارو ٿي رهيو آهي اُهو بند ٿي ويندو پوءِ تہ هيءَ سرشٽي روپي کيل ئي ختم ٿي ويندو، پر هي کيل تہ هميشھ هلندو آيو آهي ۽ هلندو رهندو. جنهن مان ظاهر آهي تہ مڪت آتمائن کي ڪجهہ مقرر وقت ڪانپوءِ اَچڻو پوي ٿو ڇو جو ڪي نيون آتمائون تہ نڪيون نہ آهن، ڇاڪاڻ تہ آتمائون تہ اَنادي آهن، اُن جي اُتپتي تہ ٿيندي نہ آهي. اِنڪانسواءِ، اَسان اِهو بہ ڏسون ٿا تہ آخر هيءَ سنسار آهي، اِهو منش آتمائن جي لاءِ ئي تہ آهي. پرم پتا پرماتما جي تہ ڪابہ ڪامنا ئي نہ آهي جو جنهن جي پورتيءَ لاءِ هيءَ سنسار روپي کيل هلي رهيو هجي، ڪامنا تہ منش آتما جو ئي گڻ آهي. اِنڪري جيئن آتما مڪتيءَ جي ڪامنا ڪندي آهي، تيئن ئي هوءَ ڪنهن وقت هن سنسار ۾ اَچڻ جي بہ ڪامنا ڪندي هوندي، نہ تہ هن سنسار جي ڪابہ ضرورت ئي نہ هجي. اِنڪري منش جو ساڌارڻ وويڪ اِهو ضرور مڃي ٿو تہ مڪتيءَ ڪانپوءِ آتما هن سنسار ۾ ايندي ضرور هوندي.

# جئہ جئہ جا نعرا نہ، پر سمرتي رکو

جڏهن ياتري هردوار وڃن ٿا تہ ”گنگا مئيا جي جئہ“ چوندا وڃن ٿا. جڏهن هو اَمرناٿ يا بدريناٿ جي طرف روانا ٿين ٿا تہ ”اَمرناٿ جي جئہ“ يا ”بدريناٿ جي جئہ“ جو نعرو هڻندا وڃن ٿا. اِن طرح، اُنهن جي بُڌيءَ ۾ پنهنجي اِن استان جي سمرتي رهندي آهي. هو تہ شرير دواران ئي اِسٿول ياترا تي وڃن ٿا، اِنڪري چوندا وڃن ٿا پر اَسانکي تہ واٽيءَ ڪان پري، نرواڻ ڌام

۾ يا شِو پُريءَ ۾ وڃڻو آهي. اِنڪري اَسان کي چپ چاپ(اَنترمکتا ۾) رهڻو آهي. ڇوڙڻو نہ آهي، اَسانکي تہ سمرتي ئي رکڻي آهي تہ اَسان شِو پُريءَ ۾ شِو بابا ڏي وڃي رهيا آهيون.

هاڻي من جو لنگر هن سنسار مان هٽجي وڃي ٿو ڇو جو اَسانکي هن ڪلهيگي وشئہ ساگر کان پار اُن پرم پؤتر پرماتما وٽ وڃڻو آهي.

## پرشارٿ نہ رهيو

سچ تہ اِنسان وشئہ، واسنائن، ڪوُڙ ڪپٽ، راڳ دويش، موہ ممتا ۾ ڪام ڪروڌ جي ڪنڪر پٿرن سان پنهنجي مٽ پري وينو ڪيلي ۾ خوش ٿئي! حيرانيءَ جي حد ڪانهي! اَهڙي قيمتي منش جنم کي ڪوڏيءَ مثل سنسار جي ڪوڙ ڪپٽ ۾ تڇ بڻائي ڇڏيوسين. منن جيڪو منش جو گڻ آهي، پرشارٿ جيڪو پرش جو لڇڻ آهي، اُهي تہ منش کان ڇڏجي رهيا آهن جيئن اَرجن جي باري ۾ منش چوندا آهن تہ ڌنش اُنجي هٿان ڇڏائجي ويو هو. جڏهن منش سچي دل سان پرم پتا پرماتما سان پريم ڪرڻ ڇڏي ڏئي ٿو تہ اَلپ ڪال جي ماياوي سک ۾ ڦاسي پوي ٿو ۽ پنهنجي اَصلي آتم سوروپ کي ڀلجي وڃي ٿو ۽ پرشارٿ هين ٿي دکي ۽ اَشانت رهي ٿو پوءِ در در ڀٽڪي ٿو سک شانتيءَ واسطي.

## ٻل کهڙو چاڙهڻو آهي؟

اَگيانتا وس ٿي منش، شڪتين (ديوين) تي ٻڪرين جي ٻلي چاڙهيندا آهن . واستو ۾ تہ منشن کي پنهنجي ’’مان پٽي‘‘ (ديهہ ايمان) جي ٻلي چاڙهڻ گهرجي ڇو جو ٻڪرو هن ’’مان پٽي‘‘

جو ئي پرتيڪ آهي. ٻڪرو سڄو ڏينهن مئن مئن ڪندو رهي ٿو. تيئن ئي منش ۾ ٻه مان مان ڪرڻ جي يعنيٰ اَشٽ اَهنڪار جو جيڪو سنسڪار آهي يا جيڪو ديهه اَيمان آهي، اُنجي ٻلي شِو تي يعنيٰ هن وقت سنگم يگي شڪتين تي چاڙهڻي آهي.

# ديهه دان، ته ڇٽي گرهڻ

جڏهن سج ڪي يا چندرما ڪي گرهڻ لڳندو آهي ته اُن وقت جي لاءِ ''ڏي دان، ته ڇٽجندو گرهڻ'' جي يڪتي ماڻهون ٻڌائيندا آهن. پر هن آتما ڪي هاڻي مايا (وڪارن) جو گرهڻ لڳو پيو آهي، اُنجي لاءِ ته ''ديهه دان، ته ڇٽي گرهڻ'' جي آگيا آهي، يعنيٰ ديهه اَيمان جي تياڳڻ سان ئي گرهڻ ڇٽجي سگهي ٿو.

# شِو تي ڪهڙا اَڪ چاڙهيون؟

توهانکي جاڻ آهي ته شِو تي اَڪثر اَڪ، ڌتورا وغيره چاڙهيندا آهن. هاڻي سوچڻ جي ڳالهه آهي ته جيڪڏهن هن اَڪ يا ڌتوري سان شِو پرسن ٿئي پوءِ ته وڏيڪ پرشارٿ يا يتن ڪرڻ جي ضرورت ئي نه رهي پر ڏهه ويهه پئسن جو سؤدو ڪٺي اُن تي چاڙهڻ جي ٿوري محنت سان جيون جي مقصد جي سڌي ٿي وڃي. ايترو پرشارٿ ته ڪوئي به ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ايتري سان ئي شِو جنهن ڪي ''پاپ ڪٽيشور'' ۽ ''مڪتيشور'' چيو ويو آهي، پاپ ڪٽي ڇڏي ۽ مڪتي پردان ڪري ڏي پوءِ ته يوگ تپسيا ۽ گيان ڌيان ڪي ڪوئي پڇي به نه. جيڪڏهن اَڪ چاڙهڻو اَٿو ته وڪار روپي اَڪ چڙهايو. جيڪي توهان ڪي هميشه دکي ۽ اَشانت ڪري رهيا آهن.

# ڪرم سريشٽ ڪيئن بڻجن؟

ڪرمن کي سريشٽ بڻائڻ جي لاءِ ٻن پرشارٿن جي ضرورت آهي، هڪ تہ گيان جي ۽ ٻيو يوگ جي. ڪهڙا ڪرم ڪرڻ گهرجن، ڪهڙا نہ ڪرڻ گهرجن، آتما ڇا آهي، پنهنجي سوروپ ۾ ڪيئن اِسٿت ٿيڻ گهرجي وغيره وشين کي نيڪ نيڪ ڄاڻڻ ئي گيان چورائي ٿو.

پنهنجي جيون کي هيري جهڙو اَمليہ بڻائڻ لاءِ ضروري آهي تہ اَسين پنهنجي من، وچن ۽ ڪرم تي پورو ڌيان ڏيون، پنهنجي سڄي ڏينهن جي ڪاريہ ڪرم تي پوري ڄاچ رکون ۽ پنهنجي اَنتر ويچارن تي پڻ ساوڌاني رکون. ڇاڪاڻ تہ اَلبيلوپڻ اَسان جي جيون بيگاڙي ڇڏيندي ۽ اَسان جا سنسڪار بہ سٺا نہ ٿيندا. اِن ڪري ضروري آهي تہ اَسين پنهنجي سڄي ڏينهن جو ڪاريہ ڪرم نيمن سان ڪريون، جنهن ڪري اَسان جو وقت بہ سڄايو ٿيندو، جيون پڻ سڦل هيري جهڙو ٿيندو. پر اُن لاءِ تہ ٿورو پرشارٿ ڪرڻو پوندو تڏهن تہ ڪرمن جي گتيءَ جي ڄاڻ پوندي. اِهو سڀ تڏهن ٿيندو ۽ ڪرم سريشٽ تڏهن ٿيندا جڏهن اَڳلن جنمن جا سنسڪار ۽ هن جنم جا سنسڪار ختم ٿيندا (متجندا). اُن لاءِ اَمرت ويلي کي اَسين سنيگ جو سڪدائي سمو ڪري ليکيندا آهيون. ايڪانت ۽ شانت واتاورڻ ۾ سيني اَجاين خيالن کان فارغ ٿي ۽ سڄي رات جي ننڊ کانپوءِ دماغ جي تازگي هئڻ سبب ايشوريہ ياد جو اسين هن سمي ۾ هڪ اَنوکو اَنڀوُ ڪري سگهنداسين، جهونا سنسڪار هن پرم پتا جي ياد ۾ (يوگ اَگنيءَ ۾) ختم ڪنداسين ۽ ڪرم بہ سرشٽ ٿيندا رهندا. اَمرت ويلي سدائين اِهو نيم هجي. اَڪ ڪلڪ

شرط اَسانجو پهريون ڪاريہ هجي ”پتا پرماتما جي ياد“. چوندا آهن ”سوير سمهجي، سوير اُٿجي، اول پرپوء جو نالو وٺجي.“ اهڙيء طرح اَسانکي بہ هن روحاني راه جو راهگير بڻجڻ لاءِ آتم وشواس جي ضرورت آهي. اَمرت ويلي لاءِ چوٽي آهي تہ ”جن جاڳيا تن اَمرت چاکيا، جن سويا تن کويا ڙي“

## لڳاتار آنند جي پراپتي

هيء سنسار بدلجندڙ آهي. هتان جي هرهڪ شيء منٽ منٽ ۾ بدلجندي رهي ٿي. هتي ڪابہ شيء اِسٿر (پختي) نہ آهي. اِنڪري اِنهن مان ڪنهن بہ پدارٿ مان هڪ جهڙي سک جي پراپتي نٿي ٿي سگهي. اَمر آنند ئي تہ ”اَتي اِندريہ سک“ ٿي سگهي ٿو. اِنڪري منش کي اِهو ياد ڪرڻ گهرجي تہ پرڪرتيء جا پدارٿ تہ خود ظاهر آهن، اُهي اَسان لاءِ سپ جا سپ هميشهہ جي لاءِ پراپت هجن، اِها بہ پک نہ آهي، اَمر آنند جي پراپتي تہ ست چت آنند سوروپ پرماتما سان آتما کي جوڙڻ سان ٿئي ٿي.

اَنيؤ اُها وستو آهي جا سيني ڪرمن ۽ سنڪلپن کان اَڳي سڌ آهي. جهان آهي تماشو ۽ مان آهيان اُنجو ڏسندڙ. پلا ڏسندڙ کي تماشي مان ڪهڙي تڪليف! جي سيني حالتن ۾ ڏسندڙ ساکي ٿي رهي، تنہ هوند ڪابہ چنتا نہ ٿئي. واستو ۾ گيان ۽ گڻن جو پاڻ ۾ گهرو سنبنڌ آهي. گيان ٻج آهي تہ گڻ سندر ڦل آهن. جيڪڏهن اَسان جي جيون ۾ دويہ گڻ نہ آهن تہ سمجهڻ کپي تہ گيان روپي ٻج جي پوري پرورش نہ ٿي آهي. مطلب تہ گيان جي سونهن، گڻن سان ٿيندي آهي. پرم پتا پرماتما شِو جو اِهو آديش آهي:”ٻچا اِها دويہ گڻن جي مالها پائي، تون ديوتائن جهڙو بڻج تہ ستيگ

جي راجائي ماڻين'' دويہ گڻن جي ڌارڻا پوِتر هردي وارو منش ئي پريوء کي پائڻ جو اَڌڪاري بڻجي سگهي ٿو ۽ اتي اِندرين جي سک جي لڳاتار آنند جي پراپتي ڪري سگهي ٿو. تڏهين تہ گاين آهي ''جي اَتي اِندرين جي سکن جي باري ۾ پڇڻو هجيئي تہ گوپ ولب جي گوپن ۽ گوپين کان پڇ''.

# من تي ظابطو ڪيئن ڪجي؟

جيڪڏهن يوڳن شڌ پرشارٿ سان ٿاهيو ويو آهي ۽ سڀني جي داتا پرماتما کي اَرپڻ ڪري اُنجي سمرتيء ۾ رهي ۽ گيان وان اوستا ۾ ڪاڊو ويو هجي تہ اُن اَن جو من تي گهڻو لاڀدائڪ اثر پوي ٿو. چوڻي آهي ''جهڙو اَن تهڙو من''.

يوڳن ستوگڻي ۽ يوڳن ڪرڻ وقت ايشوري نشي ۽ ايشوري گڻن جي منن چنتن ۾ ئي رهڻ گهرجي، يوڳن ورتائڻ وقت بہ اِنهيء ياد رهجي تہ هيء پرم پتا جي ڀنڊاري مان پرساد اَٿوا شِو ڀوڳ ڪائي رهيا آهيون اِئين ڪرڻ سان من ستوگڻي ۽ شرير بہ ايشوريء مرياداٺن ۽ پنهنجي ڪرتويہ نڀائڻ ۾ نيڪ رهندو. يوڳن ڪرڻ مهل اجايون ڳالهيون ڪري بہ پنهنجي شڪتي وئرٿ نہ وڃايون ۽ ساڪي ڀاو سان يوڳن ورتايون تہ اَسانجي من ۽ تن ۾ ايشوري ٻل ڀربو ۽ من تي ظابطو ٿيندو. چوڻي بہ آهي تہ من جيتي جڳ جيتي.

وڪاري منش دواران ٺاهيو ويو يوڳن، ايشور کي اَرپڻ ڪرڻ جي بنا ڪاڊو ويو اَن ۽ ڪنهن جي الوڪڪ سيوا ڪرڻ بنا اُن کان ورتو ويو اَن منش کي وڪاري ۽ جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڪٽي وجڻ وارو هوندو آهي. اَهڙي طرح اَن جو من تي ۽ من جو اَن تي اَثر پوي ٿو.

وڪاري منشن جي واتاورڻ ۾ اشڌ وائبريشن جو اَثر رهي ٿو جيڪو سڄي وايومنڊل کي بگاڙي ڇڏي ٿو. جتي يوگ يڪت، پوِتر ۽ گيان يڪت سڄڻ رهن ٿا يا جنهن هنڌ يوگ تپسيا يا گيان چرچا ٿيندي هجي، اُن اِستان جي وايو منڊل ۾ شڪتي، شانتي ۽ پرڪاش جا وائبريشن ٿين ٿا. جيڪي خود بہ خود منش جي سمرتي کي پريوء سان جٽائن ٿا، من کي ٻاهرمکي مان اَنترمکي ۽ منش کي مقصد ڏانهن ساوڌان ڪن ٿا.

## ٽڪنڊي فارمولا

برهمچريہ جو پالن، هڪ جيوتي سوروپ پرماتما شِو جي سمرتي ۽ آتما سورپ اِستٿي جو جيڪو ٽڪنڊو فارمولا آهي، اِن مان هڪ نہ پر لڳ ڀڳ سيئي مسئلا سماپت ٿي سگهندا آهن ۽ اَتي اِندرين جي سکن جو بہ اَنيوٗ ٿئي ٿو.

## سنسڪار ڪيئن بدلجن؟

سنسڪارن کي بدلائي ۽ پوِتر بڻائڻ جي پرشارٿي منشن کي اِهو ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ڪوئي سنڪلپ ايترو تيز هجي جو اُهو مک يا شرير ڪان ڪوئي اُلٽو ڪرم ڪرائي ڇڏي تہ اُهو سنسڪار کي پڪو بڻائي ڇڏي ٿو ۽ جيڪڏهن من ۾ اُن پئدا ٿيل سنڪلپ جو، ڪرم ۾ اَچڻ ڪان پهرين ئي گيان دواران پرشارٿ سان هٽائي ڇڏجي تہ آهستي آهستي اِن طرح جا سنسڪار مٽجي وڃن ٿا. تہ سمجهڻو اِهو آهي تہ اَشُڌ سنڪلپن کي هٽائڻ سان اُهي ڪيئن مٽجي وڃن ٿا. اَساوڌاني، نربلتا ۽ اَگيانتا سان سنسڪار خراب اَشد بڻجي وڃن ٿا ۽ ساوڌاني، گيان ۽ يوگ شڪتي ڌارڻ

ڪرڻ سان اُهي ئي سنسڪار پيڇو ڇڏي وڃن ٿا ۽ اِنڪري پرشارٿيءَ کي نئين، سٺن شڌ سنسڪار وارن جو سنگ ضروري آهي.

## جهڙو سنگ تهڙو رنگ

سنگ جو رنگ بہ سنسڪارن تي چڙهي ضرور ٿو. سٺي سنگ ۾ برا سنڪلپ نٽا اُٿن يا وري اُٿي مٽجي وڃن ٿا يا منش کي ساوڌاني ملي وڃي ٿي. هڪ ٻئي جو ڳالهائڻ ٻولائڻ ۽ شاريرڪ ڪرمن کي شڌ ڏسي پررشارٿي منش جا پنهنجا سنڪلپ بہ اشڌ مان شڌ روپ ڌارڻ ڪندا وڃن ٿا. اِنڪري جيڪڏهن توهان ستيہ سوروپ ’’شِو‘‘ پرماتما جي گيان يگيہ ۾، گيان دواران، اشڌ سنڪلپن کي شڌ بڻائڻ جو پرشارٿ ڪندا رهندا ۽ سدائين ستيہ سوروپ ’’شِو‘‘ پرماتما سان سنگ (يوگ) جٽائي رکندا تہ توهان جا سنسڪار آخر ۾ سمپورڻ پوِتر ضرور ٿي ويندا. پرماتما ’’شِو‘‘ چون ٿا تہ ’’پيارا ٻالڪو! هي آتم گيان اِنهيءَ لاءِ آهي تہ اُن موجب عمل ڪري سک پائجي ۽ نہ اُن لاءِ رڳو ٻڌي ڪري وقت جي پورائي ڪجي.‘‘

## سنسڪار بدلائڻ جي لاءِ گيان مرليءَ جي ضررورت

جيئن گنڌ ۾ پيل ڪيڙي کي ڀونئري (ڀيمپڙي) ڪڍي ڪري پنهنجي جڳهہ تي ڪٽي وڃي ٿي ۽ پنهنجي ’’ڀوُن ڀوُن‘‘ سان اُنکي بہ ڀونئري بڻائي فرش (ڌرتي) کان عرش (آڪاش) ۾ اُڏامڻ سيکاري ڇڏي ٿي. تيئن ئي منش آتمائون، جيڪي ڇڻ خراب سنسڪارن جي گنڌگيءَ جا ڪيڙا بڻجي پيا آهن ۽ اُن وڪرمن جي ٻوجهہ ڪري اُڏامي پرم ڌام واپس وڃي نٿيون سگهن، اُنکي پرماتما ئي پنهنجي ساڪار روپ (برهما) دواران گيان جي مرلي

ٻڌائي پنهنجي سمان ٻڌائي ٿو. هن سنسار ۾، ڪيڙي ڪي پونئري ٻڌائڻ وارا اَنيڪ اِستان آهن ۽ اَنيڪ پونئريون آهن. پر منش آتمائن ڪي فرش ڪان اُڏائي عرش يا مڪتي ڌام ونئي وڃڻ واري يا منش مان ديوتا ٻڌائي ڪري سرڳ ڌام ونئي وڃڻ واري اوناشي پونئرو هڪ پرماتما”شِو“ ئي آهي. جيڪو انيڪ آتمائن ڪي پنهنجي سمان ٻڌائي ٿو. اِنڪري سنسڪار بدلائڻ جي لاءِ پارس ناٿ ”شِو“ جي اَوناشي گيان مرلي هر روز اُنجي يگيه شالا مان ٻڌڻ ۽ اُن جو سنگ يعنيٰ اُن سان يوگ رکڻ جي ضرورت آهي. آخر اُديش تہ پوجيہ ۽ سمپورڻ اَوستا ڪي پراپت ڪرڻ جو آهي نہ ڪي هميشهہ جي لاءِ پوڄاري ٻڻجي رهڻ جو، ڀڳتيءَ جو ڦل آهي گيان ۽ گيان سان سدگتي ملي ٿي. ڇوٽي ٻہ آهي تہ” جن ماڻس تي ديوتي ڪيئي ڪرت نہ لاڳي وار“ پرماتما شِو چون ٿا پيارا ٻالڪو! ”سدا نظر چڇمڪندڙ تاري بندو روپ آتما تي وڃي. جڏهن اَهڙي نظر سدا نيچرل ٿيندي تڏهن وشِو جي نظر توهان چمڪندڙ ڌرتيءَ جي تارن تي پوندي.“

# نرسنڪلپ ۽ نروڪلپ اوستا

پراپت ڪيل شين ڪي وڃائي ويهڻ سان گڏ پنهنجي ئي وئرٿ سنڪلپن سان پنهنجي خوشيءَ ڪي ٻہ وڃائي ڇڏڻ جڻ پنهنجي قبر پاڻ ناهي جيئرو ئي اُن ۾ داخل ٿيڻو آهي.

جيڪو ٿي ويو اُنڪي وسارڻ جي بدران جيڪو منش وئرٿ ويچار هلائي ٿو اُهو جڻ پاڻ ڪي جيئرو چڪيا تي جلائڻ لاءِ لڪڙيون ڪنيون ٿو ڪري. اِنڪري گذريل ڳالهين جي چنتن نہ ڪري ساڪي ٿي رهڻ ئي نرسنڪلپتا جو گڻ ڌارڻ ڪرڻ آهي.

منش نرسنڪلپ ۽ نروڪار بہ اوترو ئي بڻجي سگهي ٿو، جيترو جيترو اُنجا وڪرم يعنيٰ پاپ ڪرم وناش ٿيندا وڃن ٿا ۽ سنسڪار بدلجندا وڃن ٿا. سنسڪار يا وڪرم ئي منش جي من کي بئي طرف ڇڪي وٺن ٿا. اِنڪري ڪرماتيت بڻجڻ لاءِ نرسنڪلپ بڻجڻ ضروري آهي ۽ ڪرماتيت اَوستا کي ياد ڪرڻ جي لاءِ نروڪلپ پرماتما جو، اُنجي نرسنڪلپتا جي ڌام (نرواڻ ڌام واٽي ڪان پري آتمائن ۽ پرماتما جي نواس اِستان يعنيٰ پرم ڌام) جو گيان هئڻ ضروري آهي. گيان ڪانسواءِ نرسنڪلپ ۽ نروڪلپ اَوستا ٿي نٿي سگهي ۽ نرسڪنلپتا ۽ نروڪلتا ئي تہ گيان جا لڇڻ آهن. پرماتما شو چون ٿا تہ لاڏلي ٻالڪو! توهان اُلهاس جي بگيچي جا روحي گلاب آهيو وئرث جي بيماريءَ کي سدا جي لاءِ درڍ سنڪلپ (پڪي ويچار) سان ختم ڪريو تہ ساکي سوروپ بڻجندءُ.

# گيان جي پراپتي

گيان سان منش آتما ۾ اِندرين کي ڪنٽرول ۾ رکڻ جي، ڪرتويہ ۽ اَڪرتويہ جو ويچار ڪري اَڪرتويہ کي اَلڳ ۽ ڪرتويہ کي نيڪ ريتيءَ سان ڪرڻ جي ۽ پنهنجي جيون کي پويترتا يا ڌرم جي مارگ تي هلڻ جي سمجهہ ۽ شڪتي پراپت ٿئي ٿي. گيان هڪ پرڪاش بہ آهي، شڪتي بہ ۽ سنو گڻ بہ. جهڙي طرح شيرڻيءَ جو کير سوني جي برتن ۾ ئي ٽِڪندو آهي اَهڙي طرح هي گيان اَمرت بہ اُن جي اَندر ئي ٽِڪي سگهي ٿو جيڪو منش پنهنجي جيون ۾ پويترتا ڌارڻ ڪري ٿو يعنيٰ جنهن جو ٻڌيءَ روپي برتن پويتر هوندو آهي. گياني منش جي من ۾ ڪوبہ وڪلپ يا ڦالتو سنڪلپ تہ اَچي ئي نٿو سگهي ۽ اُنجا سڀ ڪاريہ بہ نِرسنڪلپتا

سان يا سنڪلپ جي سو ڪيم ٻل سان سهج ئي ٿي وڃن ٿا. نرسنڪلپ رهڻ سان آتما جي شڪتي وئرٿ نٿي وڃي پر منش پرماتما جي ياد ۾ رهي هڪ رس اِستٿي ۽ پرڦلت شڪتيوان اَوستا ۾ اِستٿ رهي ٿو. اُن اَوستا ۾ رهي ڪري ڪيل سنڪلپ يا ڪرم ۾ وڏي شڪتي سمايل رهي ٿي. چوڻي آهي تہ ”جيء خوش تہ جهان خوش.“

نرسنڪلپ منش جي عمر بہ وڌندي رهي ٿي. چاڪاڻ تہ اُنجي شڪتي وئرٿ نٿي وڃي ۽ اَتي اِندريہ سک تہ پراپت ٿئي ٿو پر اِنڪان وڌيڪ اُنکي ايندڙ جنم جنمانتر جي لاءِ بہ ڪمائي ڪرڻ جو گهڻو ئي وقت ملي وڃي ٿو. اِنڪري نرسنڪلپ منش ئي نروگي، نروگهن ۽ نشچنت رهي ٿو. اِنهيء نشچيہ ۾ اِستٿ ٿيڻ سان ئي منش کي گيان جي ڌارڻا جي ثابتي ڪرائي ٿو. اِنهيء اوچ ڌارڻا جي ڪري ئي تہ گياني منش پريوء کي گهڻو پريہ هوندو آهي. اِن ڪري نرسنڪلپتا جي پرشارٿ ۾ ئي جڳ سڄي پراپتيء جو راز سمايو پيو آهي.

## جيون ۾ بدلاءَ

من هڪ اَهڙي تنگ ڪونڙي آهي جنهن ۾ هڪ ئي وقت بہ ويچار نٿا سمائجي سگهجن. اِنڪري ڪاريہ وهنوار ۾ رهندي اِهائي ياد رهي، ”هاڻي تہ مان هر پرڪار سان پنهنجي پتا پرماتما جوئي ٻالڪ آهيان، هي مال ملڪيت سڀ سندس جا ئي آهن. مان تہ نمت ماتر (ٽرسٽي) آهيان“. جڏهن سڀ ڪجهہ پرماتما جو آهي ۽ منهنجو ڪجهہ بہ نہ آهي، تہ اُن پويتر ايشوري اَمانت ۾ مان پٽو وجهي، مونکي ڪنهن بہ ماياوي وڪاري ڪاريہ ڪرڻ جو اَڌڪار ئي نہ آهي بلڪ سيني سان پريم، شانتي، پوِترتا ۽ مترتا

جي ياءُ سان ئي ورتاءُ ڪرڻ گهرجي. پنهنجي سچي ڏينهن جو ڪاريہ بہ مونکي هن سرشٽي روپي وِرات ناٽڪ جو هڪ کيل سمجهي ڪرڻ کپي.

جيئن اِنسان ڪنهن ناٽڪ ۾ راجا جو پارٽ ٿو ڪري پر وري بہ کيس اِها سمرتي رهي ٿي تہ مان واستوَ ۾ راجا آهيان ڪونہ، پر فلاڻو شخص آهيان، فلاڻي جڳهہ تي منهنجو گهر آهي فلاڻي جو بالڪ آهيان، راجا جي روپ ۾ تہ مان فقط ويس ڌاري بڻجي پارٽ اَدا ڪري رهيو آهيان، اَهڙي طرح هر گيانوان منش کي اِهو ياد رکڻ جڳائي تہ پلي هن وقت مان دڪاندار يا آفيسر آهيان اَٿوا واپاريء جي روپ ۾ ڪرم ڪري رهيو آهيان، پر اِهو تہ منهنجو ٿوري وقت جو پارٽ آهي. مان تہ واستو ۾ اِنهن سيني کان نيارو آتما آهيان، جيوتي بندو آهيان، مان تہ پرم ڌام ۾ رهڻ وارو آهيان ۽ پرم پتا پرماتما جي سنتان آهيان. هي متر سنبنڌي اَٿوا لين دين ڪرڻ وارا بہ واستوَ ۾ آتمائون آهن، اُهي بہ هن ناٽڪ ۾ اَداڪار ئي آهن اَهڙي ياد رهڻ سان اَسان جي اوستا اَشريري، اَنترمکي، مڌر، نياري ۽ سيني جي پياري رهندي.

هيء تہ اَڄ جي دنيا آهي، هيء ڪليگي، وڪاري پرشٽاچاري ۽ دکي دنيا آهي، هيء پڳوان جي بڻايل نہ آهي. هيء دنيا تہ اَسان جي ئي ڪرمن جي ڪارڻ اَهڙي بڻجي پيئي آهي. هيء تہ بگڙجندڙ ۽ پتت دنيا آهي جيڪو اَسانجي بگڙيل ۽ وڪاري ڪرمن جو نتيجو آهي. هيء سک داتا ۽ پتت پاون پرماتما جي بڻايل ڪيئن ٿي سگهندي؟ پرماتما جا ڪرم تہ دويہ آهن. هو تہ سرشٽيء کي دويہ بڻائيندو آهي. اُن سرشٽيء کي پاون ۽ سک سمپن

ٻڌايو ۽ دئوي ڌرم ۽ دئوي مريادا جي اِستاپنا ڪئي هئي. اُنهن تہ سرشٽيءَ ۾ پريورتن آندو ۽ اُنهن ڪليگي سرشٽيءَ کي بدلائي ستيگي ٻڌايو.

# دوشيءَ کي ڏسي پاڻ دوشي نہ ٻڻجو

اَسان ڪنهن کي دوش ڏيئي ڪري ايشور جي درٻار ۾ دوشي ڇو ٻڻجون؟ هرهڪ پنهنجي ئي ڪيل ڪرمن جو ڦل پائي ٿو. اِنڪري ڪنهن پارٽ ڌاريءَ کي نندا، ايرشا يا وئر وغيره جو پارٽ (ڪرم) ڪندي ڏسي، اَسانکي اُن سان وڪلپن جي ڏي وٺ نہ ڪرڻ کپي. پر اُنجي لاءِ اَسان کي مڌر درشٽيءَ سان، خوشيءَ سان ۽ سدائين مسڪرائيندي پيش اَچڻ کپي. اَسان کي خود (پاڻ) پنهنجي ئي ڪرمن جي لاءِ جوابدار ٿي پنهنجي بگڙيءَ کي ٺاهڻو آهي. تنهنڪري تہ آتما کي پنهنجو دشمن پاڻ ۽ پنهنجو دوست بہ پاڻ چيو ويو آهي ڇو جو ٻين جي لاءِ برو سوچي ڪري پاڻکي برو ٻڌائڻ واري منش جو پنهنجو ڪلياڻ نٿو ٿئي. ڀلي ماڻهوءَ سان تہ هرڪو ڀلائي ڪندو آهي پر بري سان ڀلائي ڪرڻ وارو ئي سچو گياني آهي.

جيڪڏهن ڪوئي منش ڪنهن گيانوان منش جي لاءِ ڪوڙي درشٽي رکي ٿو. اُن سان ڪوڙو ڳالهائي ٿو يعنيٰ وگهن پيدا ڪندڙ ڪاريہ ڪري ٿو تہ اُهو گيانوان منش سوچي ٿو تہ ”هيءَ تہ منهنجي ئي ڪرمن جو ڦل هن منش دواران منهنجي سامهون اَچي رهيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن منش جا گذريل يا هلندڙ ڪرم بلڪل ئي نردوش يا سريشٽ هجن تہ ڪوبہ منش اُنجي نندا ڪري نٿو سگهي ۽ قدرت (پرڪرتي) بہ ڪشٽ پهچائي نٿي سگهي. اِهو سڀ

ٿئي اِنڪري ٿو تہ منش کي پنهنجي ئي اُبتڙ ڪرمن جي ڀوڳنا ڀوڳڻي پوي ٿي.

جيڪو منش پنهنجو پاڻ سان سنتشٽ يا پرسن ناهي اُهو ٻين جي اڳيان پريہ يا مذر ظاهر ٿي نٿو سگهي. اِنڪري پهرين تہ پاڻ ۾ ئي دئوي گڻ ڌارڻ ڪرڻ گهرجن. چاڪاڻ تہ دويہ وستو سڪدائڪ هئڻ جي ڪري پاڻ ئي ٻين سيني کي هڪ نہ هڪ ڏينهن ضرور پياري لڳندي آهي.

## ڇا ڏسو ۽ ڇا نہ ڏسو

جنهن پرشارٿيءَ ۾ سياءُ جي ڪابہ خرابي يا اَوگڻ آهي، اُن ڪچري کي تہ هو پڻ بہ ڪڍڻ چاهي ٿو. نہ بہ ڪڍي سگهندو هجي تہ بہ اُهو آهي تہ ڪڍڻ جي ڀوڳيہ نہ؟ اِن ڪري شو بابا (پرم پتا پرماتما) جي آگيا آهي تہ اُن گندگيءَ کي ڏسڻ ئي نہ گهرجي ڇو جو جيڪڏهن ڏسو ٿا تہ پرشارٿ ۾ ڍلو پئجي وڃو ٿا ۽ پؤتر ٿيڻ بہ ناممڪن ٿي پوي ٿو. ٻين جي برائي ڏسڻ بدران پنهنجي ڪمائيءَ کي ڏسو ۽ ڪمائيءَ جي نشي ۾ رهو. توهان جو لڪش ئي آهي، جيون کي سريشٽ بڻائڻ. باقي ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڏسڻو آهي ها سچي ڏينهن جي پروگرام کي ڏسو، پنهنجون بُرايون ڏسو ۽ اُنهن کي ڪڍو ۽ اِهو بہ ڏسو تہ ڪٿي ڪنهن وڪار روپي دشمن جي وس ٿي ڪو پاپ ڪرم تہ نہ ڪيوَ يا ڪنهن کي دک تہ ڪونہ ڏنو آهي. اِنڪري هن روحاني ياترا ۾، هن گيان يڳيہ ۾ جيڪڏهن پنهنجن پراڻن تموگڻي سنسڪارن جي پورن آهوتي وجهندا تہ ديوتائي پد پراپت ڪندا.

# مايا هڪ مانگرمڇ آهي

مايا ئي هن سنسار روپي ساگر ۾ مانگرمڇ آهي. جيئن مانگرمڇ، هاٿيءَ وانگي بلوان ۽ رشٽ پشٽ جانورن کي بہ پڪڙيندو آهي تيئن ئي مايا روپي مانگرمڇ بہ گياني رستم کي ڪائڻ وارو آهي. جيئن مانگرمڇ ساگر ۾ لڪي ويهندو آهي تيئن مايا بہ گپت روپ ۾ اَچي گيانوان کي پڪڙي وٺي ٿي. اِن طرح هن سنسار ساگر ۾ منش آتما روپي هاٿيءَ کي گرهڻ ڪرڻ واري مايا ئي مانگرمڇ آهي ۽ اِها مايا اَنيڪ روپ، رنگ وٺي مهارٿي گيانيءَ کي بہ هڙپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.

# وڪارن کي لڪائڻ سان وڪارن جو پالن پوشڻ ٿئي ٿو.

لڪائڻ تہ هميشهہ ڪانئڙن جو ئي سڀاءُ ٿيندو آهي، وڪار جڏهن منش آتما کي گهيرو ڪن ٿا، تڏهن منش لڪائڻ جي ڪانئڙتا ڪري ٿو. گهر ۾ چور کي لڪائڻ سٺي ڳالهہ نہ آهي. جنهن گهر ۾ پنج چور (وڪار) لڪيل هجن ۽ هو اِن ڳالهہ کي ٻڌائي ٻين کان مدد نہ وٺي، تہ هو هڪ ڏينهن ضرور لٽجي ويندو. اِنڪري وڪار روپي چورن دوارا چوري ڪرائڻ معنيٰ پنهنجو ڏيوالو ڪڍائڻ آهي. وڪارن جي چوري بہ هڪ مهان پاپ آهي. اِن سان ٻين نندن وڪارن کي بہ پالڻ پوشڻ ڏيڻ آهي. اِنڪري ٻين وڪارن کي ڪڍڻ جي لاءِ پهرين وڪارن جي اِن سردار (چوري) کي ڪڍڻ ضروري آهي.

جيتوڻيڪ ڀڳوان پنهنجي دل تنهنجي اَڳيان کولي ڇڏي آهي تہ جيڪڏهن تون پنهنجي دل جو ڀاو ڀڳوان کان لڪائيندو رهندين تہ پريت جي ريت ڪيئن نڀائيندين؟ چاهنائن ۽ آسڪتيءَ سان منش پراڌين ٿي وڃي ٿو. سوتنتر نٿو رهي. جيستائين اُن ڪي اُها پياري وستو يا اُهو منش ڏسڻ نٿو اَچي يا نہ ملي تيستائين اُنکي آرام نٿو اَچي. منش ۾ جيتري آسڪتي هوندي اوتروئي هو غلام هوندو ۽ جيترو وڪارن جي اَڌين هوندو اوتروئي بي چين ٿيندو. ڇو جو هڪ تہ اُن ويڪتيءَ يا وستو ڪي پائڻ جو سنڪلپ هنکي فڪرمند ڪندو ٻيو اُنکي پائڻ جي پرشارٿ ۾ جهنجٽ بہ جهيلڻا پوندا، پوءِ اُنجي نہ ملڻ تي يا ملڻ ڪانپوءِ وڇڙي وڃڻ تي هو دکي بہ ٿيندو. اِنڪري جيڪو منش وڪاري شونقن کان بچڻ چاهي ٿو تہ اُنکي آسڪتي ضرور ڇڏڻي پوندي ۽ آتم سوروپ ۾ اِسٿت ٿي ڪاريہ وهنوار ڪرڻ سان سنساري ممتو بہ مٽجي ٿو وڃي.

## ٻين کي دک ڏيڻ جا سنڪلپ ڪرڻ وارو منش سدائين دک جو اَنڀوُ ڪري ٿو

ڪنهن کي دک پهچائڻ جو اَگر ٿورو بہ سنڪلپ توهانجي من ۾ اَچي تہ سمجهجي تہ توهان گيان ٻڌڻ سان گڏوگڏ گيان کي پنهنجي جيون جو اَنگ نہ بڻايو آهي يا گيان سوروپ نہ بڻيا آهيو. ڇو جو گياني تہ ڪوبہ هاڃيڪار ڪاريہ ڪندو ئي نہ آهي جيتوڻيڪ ٻئي کي دک پهچائڻ جو ٿورو بہ سنڪلپ اُٿارڻ واري منش کي سڀ کان پهرين پنهنجي ئي من ۾ دک جو اَنڀوُ ٿئي ٿو ۽ پوءِ بہ دک ڏيڻ جي ڪارڻ اُن کي دک ئي ڀوڳڻو پوي ٿو. گيانيءَ جو

ڦهريون ڳڻ آهي تہ پاڻ کي سڪ داتا جو ٻالڪ سمجهي سڀ کي سک ڏيڻ ۽ نہ ڪ ڪنهن کي دک ڏيڻ.

## ڪرم جي مهما

جيڪڏهن سڀ سان ڳڏ دک بہ پرماتما ئي ڏيندو هجي پوءِ اُنجي مهما جي ضرورت ئي نہ رهي. ڇا ڪڏهن ڪوئي منش سج کي ”پرڪاش ۽ اَنڌڪار ٻئي ڏيڻ وارو“ مڃيندو آهي؟ ڪڏهن بہ نہ. سج جو ڪم هميشهہ پرڪاش ڏيڻ ۽ اَنڌيري کي ڀڄائڻ جو آهي. بس اَهڙي طرح پرماتما بہ هميشهہ سک ڪرتا ۽ دک هرتا آهي جڏهن جڏهن منش دکي ٿئي ٿو، تڏهن هو پرماتما کي پڪاري ٿو، اِن مان اِها ڳالهہ سڌ ٿئي ٿي تہ اُنجو ڪاريہ دک کان ڇڏائڻ جو آهي ۽ نہ دک جي ٻنڌن ۾ جڪڙي رکڻ جو.

## ڪروڌ ٻمر

ڪامنا ۽ ڪروڌ کان ڇڏائي آتما جي سڳائي (ميلاپ) پرماتما سان ڳڏ ڪرڻ وارو رستو ايشوريہ گيان ۽ راج يوڳ ئي آهي. پرماتما سان آتما جي لڳن هٽائي ڪامنا ۽ ڪروڌ ۾ لڳائڻ واري تہ مايا وسمرتي ئي هوندي آهي.

ڪروڌ ڪرڻ واري منش جي لاءِ ماڻهن جي من ۾ آدر نہ پر نفرت اَچي ٿي. حقيقت ۾ ڪروڌ جو اِستعمال تہ اَئٽم ٻمر جي اِستعمال کان بہ ڀينڪر ۽ هاڃيڪارڪ آهي ڇو جو ٻمر جي پريوڳ سان تہ منش هڪ دفعي ۾ ئي مري وڃي ٿو پر ڪروڌ سان منش جو جيڪو خراب سنسڪار ٻڌجي وڃي ٿو، اُن جي نتيجي طور هو گهيٽيئي دفعا دکي ٿي مرندو رهي ٿو.

اَڄ ڪلهه تہ منشن وٽ وڪرمن جا گدام، خراب خيالن جون فئڪٽريون ۽ وڪارن جي ئي پوُنجي جمع آهي.

ڪروڌ اَئٽم بم کان اِنڪري وڏو ۽ برو آهي ڇو جو اَئٽم بم کي بہ جنم اِن (ڪروڌ) ئي ڏنو آهي. اِنڪري ڪروڌ کي هڪ بم سمجهي ڪري اِن کان بچڻ جا اُپاءُ ڪرڻ گهرجن ۽ جيڪڏهن ڪوئي ٻيو منش ڪروڌ ڪري رهيو هجي تہ اُنکي بہ ڪروڌ روپي بم کي اُڇلائڻ وارو مڃي، شانتي روپي بچاءُ کي اَپنائڻ گهرجي. ماٺ ۾ ميناج سمايل آهي. پڇيم تہ پرماتما جي ٻولي ڪهڙي آهي؟ جواب مليو تہ ”شانت“، جيڪڏهن اَسين بہ شانت جي ٻوليءَ کي اَپنايون يعني آتما جي سوَڌرم (شانت سوروپ) ۾ اِسٿت ٿيون تہ پرماتما سان بہ روح رهاڻ ڪري سگهون ۽ شانتيءَ جي ساگر شوَبابا جا ٻالڪ بڻجي هڪ ٻئي جو جيون سکي ۽ شانتميہ بڻايون.

# نراڪاري ۽ نراهنڪاري بڻجو

ڪنهنجو ڪنهن وقت مرتيو جو وارنٽ اَچي وڃي، اِهو بہ تہ ڪجهہ خبر نہ آهي. هينئر جيڪو منش پاڻ کي گهڻو ڪجهہ سمجهي رهيو آهي، ٿوري دير کانپوءِ هڪ ننڍي گهٽنا جي ڪري اُنجي نہ سهڻ جي حالت ۾ مرتيو جي سوچنا بہ ملي سگهي ٿي. پوءِ بہ خبر نہ آهي تہ منش کي اَيمان ڪهڙي ڳالهہ جو آهي؟ ”اڪڙ اڪڙ ڪر چلتي پتلي چمڙي ڪي“ واري ڳالهہ آهي. اِنڪري منش کي سدائين نرماڻ چت ۽ منو ڳالهائڻ گهرجي ڇو جو خبر نہ آهي ڪهڙو ساه اُن جو آخرين ساه هجي ڪنهن سان ٻيهر ملڻ ٿيندو بہ يا نہ. چوڻي بہ آهي تہ ”پکي ۽ پرديسيءَ تي ڪڏهن بہ ڀروسو نہ هوندو آهي.“ هتي ڪنهن بہ منش جي ايندڙ پل جي جيون جو

پروسو نہ آهي. چوٽي آهي تہ ”سامان سوَ سالن جو پر پل جو پتو ڪونهي“ اِنڪري منش کي کپي تہ هو پنهنجي چاڻ وني ۽ اَمرناٿ پرماتما شوَ جي سمرتي ۾ ايڪاگرت ٿيڻ جو اَڀياس ڪري. جهڙي سمرتي هوندي تهڙي درشٽي بڻجندي ۽ جهڙي درشٽي هوندي تهڙي سرشٽي بڻجندي يعنيٰ ڪرم بڻجندا. شوَ بابا جو فرمان آهي تہ، ”ٻچا، ڪمل پشپ سمان پرورتي ۾ رهندي بہ نيارو پؤتر ۽ ٽرسٽي ٿي رهہ“. اهڙو پرشارٿ ڪرڻ سان توهان نراڪاري، نروڪاري ۽ نراهنڪاريءَ جي سمپورڻ اِسٿتيءَ کي پراپت ڪندا.

# رام ڪير، سيتا ڪير؟

اَڌياتمڪ درشٽيءَ سان نراڪار پرم آتما کي اِنڪري تہ رام چيو ويو آهي تہ هو رمڻيڪ يا وڻندڙ آهي. هو آتمائن کي آنندت ڪرڻ وارا آهن. گيانوان ۽ يوگ يڪت آتما ئي سيتا آهي چاڪاڻ تہ هوءَ نراڪار رام کي ورڻ چاهيندي آهي. سيتا جي باري ۾ هيءَ ڪٿا پرسڌ آهي تہ هوءَ ڪنهنجي گرڀ مان پئدا نہ ٿي هئي پر ٻنيءَ (کيت) مان هڙ جي لڪير سان پئدا ٿي هئي، اِها بہ اِن ڳالهہ کي ثابت ڪري ٿي تہ سيتا لفظ گيانوان آتما جوئي سوچڪ آهي چاڪاڻ تہ گيتا يا گيان جي ٻوليءَ ۾ شرير کي ٻني ۽ آتما کي ڪڙمي چيو ويو آهي ۽ اِن سمجهاڻيءَ اَنوسار جڏهن منش آتما (جيوَ آتما) جي ٻڌي روپي ٻنيءَ ۾ گيان روپي هڙ هلايو وڃي ٿو تڏهن اُنهن لڪيرن سان يعنيٰ گيان جي ڌارڻا سان سيتا جو جنم ٿئي ٿو اِهو جنم ڪنهن ماتا جي گرڀ مان نٿو ٿئي چاڪاڻ تہ اِهو تہ پاڻ آتما جو جنم (جاڳرڻ) آهي. اِن جنم کي مرجيوا جنم بہ چيو ويندو آهي.

# پرماتما جو اَوترڻ ڪڏهن ۽ ڪيئن؟

پرم پتا پرماتما چون ٿا، اِها کهڙي عجب جي ڳالهہ آهي جو هڪ طرف مان اَجنما ۽ ٻئي طرف گيتا ۾ منهنجا مهاواڪيہ آهن تہ منهنجو جنم دويہ ۽ اَلوڪڪ آهي ۽ منهنجي سڀاڻپ منهنجي دواران ئي توهانکي ملڻي آهي. منهنجو جنم ساڌارڻ ۽ جسماني ڪونہ آهي يعنيٖ منش جيان ڪنهن ماتا جي گرڀ مان هڪ ٻالڪ جي روپ ۾ ڪونہ ٿيندو آهي. ڇو تہ مان سڀني جو ماتا پتا آهيان ۽ ڪرماتيت آهيان، سدائين جنم مرڻ ۽ ڪرم ٻنڌن کان مڪت آهيان. پر جڏهن سڄي سرشٽي، مايا يعنيٖ پنجن وڪارن جي چنبي ۾ ڦاسي ٿي پوي تڏهن منش آتمائن کي پؤترتا، سک ۽ شانتيء جو وردان ڏيئي مايا جي چنبي مان آزاد ڪري مڪتي ۽ جيون مڪتيء جو ايشوري حقي ورثو ڏيڻ لاءِ مان خود آتم گيان ۽ سهج راج يوگ جي پڙهائي پڙهائڻ لاءِ پرشوتم سنگم يگ ۾ پرم ڌام کان اَوترت ٿي ڪري هڪ ساڌارڻ منش جي بزرگ شرير ۾ پر ڪايا پرويش ڪريان ٿو ۽ نت نيم سان اِن جي مک ڪنول دواران سهج گيان ۽ راج يوگ جي سکيا جا مهاواڪيہ اُچاري پرم ڌام موتي ويندو آهيان. منهنجي اِنهيء طريقي جي جنم کي اَلوڪڪ جنم چيو ويندو آهي ۽ اُهو منهنجو رٿ ڀاڳيشالي رٿ ٿيندو آهي ۽ مان اُن آتما جو سارٿي ٿيندو آهيان ۽ اِن کي پرجا پتا برهما نالو ڏيان ٿو.

# پرماتما ڪرڻ ڪراونهار ڪيئن؟

”منا ٻچا! پرشوتم سنگم يگ ۾ مان پرجاپتا برهما جي شرير

۾ پرويش ڪري گيان رتنن جو اَکٽ خزانو ۽ سھڄ راج يوڳ جي سکيا ڏيان ٿو ۽ سڪڻ وارا نر ناري پنھنجن سنسڪارن کي سنو پرڏان ڪندا آھن. برھما جي پؤتر مک ڪنول دواران گيان ٻڌي ڪري نئون جنم وٺڻ وارن کي سچو براھمڻ چيو ويندو آھي، اُھي ڪوڏيءَ مان ھيري جھڙا بڻجن ٿا. پيو تہ ڇا پر ھيرن جواھرن جي کاڻ بڻجي ساري وشوَ کي انھن ھيرن موتين جو دان ڏيئي مالا مال ڪري پوشيہ ۾ نر مان شري نارائڻ ۽ ناريءَ مان شري لڪشميءَ جو پد پائيندا آھن. اَھڙي طرح مان پرجاپتا برھما دواران ھڪ آدي سناتن ديوي ديوتا ڌرم (نئين سرشٽي) جي اِستاپنا ڪري ۽ شنڪر دواران اَنيڪ آسُري ڌرمن (پراڻي سرشٽيءَ) جو مھاوناش ڪرائي، ستيگي سمپورڻ پؤترتا، سک شانتي ۽ دئوي مريادا جي دنيا جي پالنا وشڻو (شري لڪشمي ۽ شري نارائڻ) دواران ڪرائيندو آھيان. پر منھنجي ھن ايشوريہ ڪاريہ کي، جو مان پرجاپتا برھما جي شرير ۾ اوتار وٺي ڪري رھيو آھيان منش مونکي ورلي سڃاڻي سگھن ٿا. چوڻي بہ آھي تہ، ”ايڪا مائي جڳت ويائي، تن چيلي پرواڻ اِڪ سنساري، اِڪ ڀنڊاري، اِڪ لائي“. منھنجي ڪرڻ ڪراونھار جي ھن صحي اَرٿ کي نہ سمجھي منش ڀرم وس ٿي مڃين ٿا تہ سنسار ۾ جيڪو پاپ ۽ پڄ ٿي رھيو آھي اِھو پرماتما ئي ڪرائي رھيو آھي ۽ ٻئي طرف چون ٿا تہ ”ھي پرماتما اوچا تيرا ڪام، اوچا تيرا نام،اوچا تيرا ڌام ۽ دک ھرتا سک ڪرتا“.

## شِوراتري جو مھتو

مٺا ٻالڪو! اِھا ڪھڙي نہ دک جي ڳالھہ آھي جو اَڄ منش اَنيڪ مھاتمائن ۽ نيتائن جي جيون ڪھاڻي ۽ انھن جي ڪرتويہ

ڪان واقف آهن. پر پنهنجي سدگتي داتا، سک شانتيءَ جي داتا ۽ اُن جي اَلوڪڪ ڪرتويہ ۽ دويہ جنم يعنيٰ شِوراتري جي مهتو ڪي بہ ڪونہ ٿا ڄاڻن. جيڪڏهن منش هنڪي سمجهي وڃن تہ ڪيئن پرم پتا پرماتما شِو ڪليگ جي اَنت ۾ جڏهن سڄي سرشٽيءَ تي اَگيان اَنڌڪار روپي راتري ٿي ويندي آهي ۽ انهيءَ ڌرم جي گلاني جي وقت، منش آتمائن کي وري پاون ۽ سمپورڻ سکي بڻائي پرڪاش مئہ دنيا جي اِستاپنا ڪري ۽ سيني کي وڪارن جي چنبي مان آزاد ڪري مڪتي ڌام ۾ وٺي هلن ٿا تہ هن اَڌياتمڪ رهسيہ کي ڄاڻڻ سان منش پاڻ کي اَگيان اَنڌڪار مان گيان جي روشني ۾ آڻي پنهنجو جيون روشن بڻائي سگهن ڇو جو شِو جينتي ئي هيري تليہ جينتي آهي.

# شِو ۽ شنڪر ۾ فرق

برهما، وشڻو ۽ شنڪر پرڪاشمئہ شرير (سوکيم آڪاري شرير) وارا ٿي ديوتائون آهن پر مان پرماتما هڪ آهيان مان اِنهن ٽنهي جي رچنا ڪرڻ وارو ترمورتي شِو چوائيندو آهيان پر هيءَ کهڙي وچتر ڳالهہ آهي تہ اَڄ منش چون ٿا تہ شِو ۽ شنڪر هڪ آهي. پرم پتا پرماتما شِو، پنهنجي ۽ شنڪر ديوتا جي جيڪا جدا جدا سڃاڻپ ڏني آهي اِها هن طرح آهي ،

(1) پرماتما شِو (شِولنگ) بنا شرير يعنيٰ چئتن جوتي بندو آهي ۽ شنڪر سوکيم پرڪاشمئہ شرير وارو آهي هنڪي مهاديو چئجي ٿو نہ ڪ پرماتما.

(2) پرماتما شِو برهما، وشڻو ۽ شنڪر جي سوکيم ديوَلوڪ کان بہ پري برهم لوڪ (پرم ڌام) جو نواسي آهي ۽ شنڪر ديوتا

سوکيم لوک ۾ پنهنجي شنکر پري جو نواسي آهي.

(3) پرماتما شِو برهما وشڻو ۽ شنکر دواران اِستاپنا، پالنا ۽ مهاوناش جا ڪلياڻڪاري ڪرتويہ ڪرائي ٿو ۽ شنکر سرشٽي چڪر جي اَنت ۾ ڪلهيگي دنيا جي مهاوناش جو ڪاريہ ڪرائڻ جي نمت آهي. پرماتما جي مهما ۾ بہ ستيم شوم سندرم ۽ شنکر راتري نہ پر شِوراتري چوندا آهن. انڪري چوندا آهن شِو پرماتما نمهہ، شنکر ديوتا نمهہ...

# پاڻ سڃاڻ

سنسار ۾ اَجوڪي دک ۽ اَشانتيء جو ڪارڻ اِهوئي آهي جو منش پنهنجي اَصلي سوَروپ کي ڀلجي ويو آهي. پنهنجي شرير، اُن شرير جي پتا کي ڄاڻي ٿو، ديهہ‌جي ناتي ۽ سنبنڌ کي بہ سڃاڻي ٿو. پر سڀ کان وڏي ڀل اِهائي آهي تہ ديهہ کان نياري ديهہ ۾ رهڻ واري جيڪا چيٽن شڪتي آتما آهي، اُنکي نٿو ڄاڻي. منش اِها ڳالهہ سراسر ڀلجي ٿو وڃي تہ مان آتما آهيان ۽ پتا پرماتما جي سنتان آهيان. منش جو ڪلياڻ تڏهن ٿي سگهندو جڏهن هو پهرين پاڻ کي ۽ پنهنجي پياري پتا پرماتما کي سڃاڻي. اِن آتم گيان کي اَسين پنهنجي جيون جو اَنگ تڏهن بڻائي سگهنداسين جڏهن اَسان جو اُن ۾ پورڻ وشواس ٿيندو. اَهڙيء طرح اَسان کي بہ هن روحاني راه جو راهگير بڻجڻ لاءِ آتم نشچي جي ضرورت آهي. هلندي چلندي ڪاريہ وهنوار ڪندي اِهو نشچو هجي تہ مان آتما آهيان مان ڪلياڻ ڪاري، سکداتا، شانتي داتا سرو شڪتيوان جوتي سوروپ پرم پتا جي جوتي سوروپ سنتان آهيان هيء شرير تہ منهنجو رٿ آهي جنهن تي مان سوار آهيان. آد ۾ تہ مان پوِتر

شانت سوروپ نروڪاري هوس مان هن سرشٽيءَ روپي رنگ منچ تي پنهنجو اَنادي مقرر ڀيل پارٽ اَدا ڪرڻ آيو آهيان. آخر ته مونکي هتان واپس پنهنجي شانتي ڌام ڏانهن هلڻو ئي آهي. آخر ته مونکي هيءَ شرير جو چولو لاهي جيوتي بندو روپ ۾ واپس ورڻو آهي. مونکي ته پنهنجو جنم هيري جهڙو اَمولڪ بڻائڻو آهي ۽ هنن ڪلهيڱي ڪوڏين ۾ اهو سچو هيرو اَصل نه گنوائڻو آهي. هاڻي هن مٽيءَ سان مان ڇا پريت رکان! ڇو نه مان پنهنجي پريت پريوءَ سان جوڙيان!! اَهڙيءَ ريت جيڪو منش آتم نشچي سان گهر گرهست ۾ ڪمل پشپ سمان رهي ٽرسٽي ٿي پتا پرماتما جي شريمت تي هلي ڪاريه وهنوار ڪري ٿو سو پنهنجي پتا پرماتما سمان، نراڪاري، نروڪاري ۽ نراهنڪاري بڻجڻ جي پورن لکش کي پراپت ڪري ٿو.

## ڀڳوان چوي ٿو- منهنجي هڪ ڳالهه مڃيو

ڀڳوان شِو چوي ٿو، ”لاڏلا ٻالڪو! توهان صرف منهنجي هڪ ڳالهه مڃيو، اُها هيءَ آهي ته اَڄ ڪان وڪار روپي زهر پيئڻ ۽ پيئارڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ اُنجي بدران روز گيان اَمرت پيئو. اِن گيان روپي اَمرت پيئڻ سان توهان کي منهنجا سڀ اَمر وردان پراپت ٿي ويندا ۽ راڄ يوگ دواران توهان اَمرديوَ پد به پراپت ڪري سگهندا ۽ توهان سرڳ جا راجيه ڀاڳي بڻجندا، سدا تندرست ڪايا ۽ اَٿاه ڌن ڀاڳيه جي سمپتيءَ کي ماڻيندا. ڪال توهانکي ڪشٽ به نه ڏيندو ڪرمن جا ٻنڌن توهانکي نه جڪڙيندا. ڇڻ توهان سمپورڻ پوِترتا، سک ۽ شانتيءَ جو ايشوريه جنم سڌ اَڌيڪار پراپت ڪندا.

## ”اَب نهين تو ڪب نهين“

# دويہ گڻن جي ڌارڻا

هيري سمان جيون بڻائڻ جو مطلب ئي آهي دويہ گڻن جي ڌارڻا ۾ آسري گڻن جو تياڳ. حقيقت ۾ گيان ۾ گڻن جو پاڻ ۾ گهرو سنبنڌ آهي. گيان بہ آهي تہ گڻ سندر ڦل آهن. اِهو ياد رکون تہ دئوي گڻن کي ڌارڻ ڪرڻ سان ئي اَسين پدما پدم ڀاڳيشالي بڻجون ٿا.

## ”پؤترتا“

دويہ گڻن جي ڌارڻا پؤترتا سان ئي ٿي سگهي ٿي. ”پؤترتا جو سک کهڙو چئي کهڙو چوان“ پؤتر هردي وارو منش پريوء کي پائڻ جو اَڌيڪاري بڻجي سگهي ٿو ۽ هن گيان جي مارگ ۾ پرورت ٿيڻ جو پهريون ساڌن آهي من تن جي شڌي. جيستائين اَسانجي انتر هردي ۾ ”مان ۽ منهنجي“ جي ممتا هوندي، واسنائن ۽ وڪارن جو دؤر هوندو، تيستائين اَسانجو اَنتهڪرڻ شڌ نہ ٿيندو. اَسين اَتي پؤتر پرماتما جي اَمرت پريء ياد سان پنهنجي ورتيء کي پؤتر بڻايون ڇو جو پؤترتا ئي سک شانتيء جي جنني آهي. اِنڪري هاڻي هن گيان يگيہ ۾ سڀني وڪارن جي آهوتي وجهي، من‌مناڀوَ (اِن من کي تون مون هڪ پرماتما ۾ لڳاء) جي منتر سان پنهنجو منش جيون سڦلو ڪريون.

## ”اَنترمکتا“

اَڄ منش جي من ۾ سنساري پدارٿن جو ئي چنتن هلندو ٿو رهي. هو بہ گهڙيون بہ پنهنجي جاء ويهي، پنهنجي اَنتر آتما جو آنند نٿو ماڻي. ائين چئجي تہ هو اَنترمکي نہ ٿي ڪري ٻاهرمکي

ٻٽيو بينو آهي.

اَنترمکي ٿيڻ جو اَرٿ اِهو ئي آهي تہ هر ڪاريہ اَنترآتما ۾ اِسٿت رهي ڪريون. پنهنجي اِنديرن يعنيٰ اَکين، ڪنن ۽ زبان وسيلي اُهوئي ڪاريہ ڪريون جنهن ۾ اَسان جي آتمڪ اُنتي ٿئي. آتما کان ومک ٿي ڪوبہ ڪاريہ نہ ڪريون. نہ برو ڏسون، نہ ٻڌون ۽ نہ ڳالهايون. اَهڙي پرڪار سان هر ڪرم اِندريءَ کي سوَچ ٻڌائي، پنهنجي آتما جو ديپڪ سدا ڪال لاءِ جڳايون

اَهڙيءَ آتما جي نشچي سان ديهہ کان نيارو ٿيڻ جو پورو اَڀياس ٿي وڃڻ سان، اَنترمکتا جو اُجوَل اَنڀوَ ڪري سگهجيي ٿو ۽ سنساري واتاورڻ کان دوُر، اَندر ئي اَنتر شانتي سوروپ ۾ شيتلتا جو اَنڀوَ ڪري ايڪاگر ٿي گيان جا امُلهہ ماڻڪ موتي پراپت ڪري سگهجن ٿا. ايڪاگرتا جو آڌار آهي اَنترمکتا. اِنڪري گياني تو آتما کي وئرٿ سنڪلپ، وئرٿ شبد ۽ وئرٿ ڪرم جي هلچل کان پري ايڪاگرتا ۾ رهڻ جي ڌارڻا ڪرڻ گهرجي. شِو بابا چوي ٿو، ”اَمرت ويلي جي روح رهاڻ جو آنترڪ سک روحاني ليلا جو اَنوکو انڀوَ ٿو ڪرائي.“

## ”سهن شيلتا“

سروَ شڪتين جي چابي آهي سهنشيلتا. سهنشيلتا گڻ جو اَرٿ اِهو آهي تہ ڪهڙي بہ اَوستا ۾ دک ۽ اَشانتيءَ واريون حالتون اَچن تہ اُنهن ۾ بہ اَسانجي اَچل، اَڏول ۽ هڪ رس اَوستا رهي، تہ ماتر بہ دک جي لهر نہ اَچي. اوچي پد جي پراپتيءَ لاءِ سيني مهاپرشن کي بيحد دکن کي سهن ڪرڻو پيو. اِنڪري شِو بابا چوي ٿو، ”ٻچا! تون شانت رهہ. هڪ تاڙي وڃائي، ٻيو شانت رهي، تہ

پاڻيهي شانتي ٿي ويندي“.

”مرڻ کان اَڳ مرين جي تون، تہ ماڻي مؤج سکدائي“

## ”ڪِل مک اَوستا“

دويہ گڻن جي جهلڪ هرشت مک چهري مان ئي ڏسڻ ايندي آهي. جنهنکي اَنتر سک جو اَنڀؤ هوندو، اُنجو مک سدائين مسڪرائيندو آهي.

هيءَ ڪليگي دنيا دکن جي دنيا آهي. پر اَسانجو روحاني پتا اَسان آتمائن کي گيان رتنن جو اَکُٽ خزانو ڏيئي اَسانکي اَنتر خوشيءَ جو وينو سچو اَنڀؤ ڪرائي. چويٿو ”منا ٻچا، مکتي ۽ جيون مکتيءَ جو سچو سک ڪلهيگ ۾ ڪڏهن بہ ملڻو نہ آهي. اُنجو اَنڀؤ هن سنگم يگ ۾ ڪري وٺو. چوڻي آهي تہ اتي اِندريہ سک جو اَنڀؤ پڇڻو هجيوَ تہ گوپ گوپين کان پڇو، چاڪاڻ تہ گ وپين جي لگن سدائين گوپي ولڀ جي گيان مرليءَ سان هئي. اُها خوشي جو ماڻي سو ڄاڻي.

## ”نمرتا“

سونهن منش جي وڏائي ٿي سدائين نمرتا. اَگيان جي جڙ آهي اهنڪار، ۽ گيان جو آڌار آهي ديهہ پان جو تياڳ ڪري آتما جي جوت جڳايون. ”اَلف تہ منڙا ملندو تڏهن، جڏهن اَندر جو اَيمان ڪڍين.“

جنهن منش ۾ ايشوري گيان جي ڌارڻا هوندي، جيڪو سچو راڄ يوگي هوندو، جنهن جڳاسوءَ جو دويہ گڻن جي ڌارڻا ڌانهن پورو ڌيان هوندو، تنهن ۾ نمرتا ۽ سادگيءَ جي جهلڪ بہ ضرور هوندي. اِن

مان ثابت آهي تہ نمرتا پريو وهنوار سيني گڻن جو آڌار آهي. نرماڻ چت منش ئي سڀ جو پيارو رهي سروَ پراپتي ڪري سگهي ٿو ۽ ميون پري ٿاريءَ جيان سيني کي اُهو سک شانتيءَ جو دان ڏئي ٿو.

## ”گڻ گراهڪتا، گنڀيرتا، مڌرتا، سرلتا ۽ سچائي“

دويہ گڻن جي ڌارڻا لاءِ ڀهرين ڀهرين اِنهيءَ ڳالهہ جي ضرورت آهي تہ اسين ٻين جا گڻ گرهڻ ڪريون ۽ پنهنجا اَوگڻ ڏسون. ”مڪڙا ديک لي پراڻي ذرا درپڻ ۾، ديک لي ڪتنا پڇ هئہ، ڪتنا پاپ تيري دامن ۾“ شِو بابا جو اِهو فرمان آهي تہ اَوگڻن کي نہ ڏس، نہ ٻڌ، نہ اُنجو ورنن ڪر، نہ وري اُنهن کي تون من ۾ ڌارڻ ڪر ۽ دويہ گڻن جي مالها پائي تون ديوتائن جهڙو سرو گڻ سمپن بڻج.

اَهڙي ديوتائي پد جي گنڀيرتا ڌارڻ ڪرڻ لاءِ بابا اَسانکي سميہ، سواس ۽ سنڪلپ جي خزاني جي حفاظت ڪرڻ لاءِ وينو سکيا ڏئي ۽ ساگر جهڙو گنڀير بڻائي، مڌرتا جو گيت ٿو سيکاري. شِوبابا گهڙيءَ گهڙيءَ ٿو چوي ”ميٺي ميٺي بچي، نرنتر ميٺي ميٺي باپ ڪو ياد ڪرتي رهو. ڪسڪو دک نہ دو. بابا آئي هئہ سيڪو مينا بناني.“ اَهڙي مڌرتا جو آلاپ اسين تڏهن ٻڌي سگهنداسين جڏهن اَسانجي سرل هردي ۾ سچائي ۽ صفائي هوندي. پرماتما کي پائڻ جو ڀهريون ساڌن آهي سرلتا، سچيءَ دل تي صاحب راضي. بابا اَسانکي سدائين پڳوان سان ايماندار، فرمانبردار ۽ وفادار ٻچا بڻائي سرلتا، سچائي ۽ سادگيءَ جي سکيا ڏيئي، منش مان ديوتا ٿو بڻائي.

اوم شانتي